

# اَنْتَ مَحْبُوبِيْ
صلى الله عليه وآله وسلم

مخدوم جميل الزمان

طالب المولىٰ اڪيڊمي، هالا
1435ھ / 2014ع

اَنْتَ مَحْبُوبِيْ
صلى الله عليه وآله وسلم
مخدوم جميل الزمان
2014ع

Gul Hayat Institute

# اَنۡتَ مَحۡبُوۡبِىۡ

(نعتيه شاعري)

سهيڙيندڙ

**مخدوم جميل الزمان**

**طالب الموليٰ اڪيڊمي، هالا**

2014ع

انت
محبوبي

سمورا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب: اَنۡتَ مَحۡبُوۡبِىۡ صلى الله عليه وآله وسلم
موضوع: نعتيه شاعري
(مختلف سنڌي شاعرن جا نعت)
مرتب: مخدوم جميل الزمان جميل
پهريون ڇاپو: 1990ع
ٻيو ڇاپو: 2014ع
تعداد: هڪ هزار
ڇپائيندڙ: طالب الموليٰ اڪيڊمي هالا
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي

ملڻ جا هنڌ

سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديه پلازه گهنٽا گهر چوڪ سکر فون: 071-5628368،
سنڌيڪا بوڪ شاپ، جتوئي منزل حيدر چوڪ حيدرآباد فون: 03013594679 –
العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي فون: 0212214521 ، 0300-343115
ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي- رابيل ڪتاب گهر اسٽيشن روڊ، رهبربوڪ اڪيڊمي رابعا سينٽر بندر روڊ لاڙڪاڻو- رحيم ڪتاب گهر مهراڻ چوڪ بدين-جنيد بوڪ اسٽور ۽ رشيد بوڪ اسٽور نئون چوڪ دادو- گل ڪتاب گهر لکي در شڪارپور- ميمڻ بوڪ اسٽور، شاهي بازار نوشهروفيروز- ڪنول ڪتاب گهر، مورو- حافظ اينڊ ڪمپني، لياقت مارڪيٽ، نواب شاهه- ٿر ڪتاب گهر، عمر ڪوٽ- ديدار بوڪ ڊپو، ٽنڊوالهيار- رفعت بوڪ هائوس، ماتلي- مرچو لال پريمي، بدين- عطار ڪتاب گهر، بدين، مهراڻ ڪتاب گهر، عمر ڪوٽ، حافظ ڪتاب گهر، کپرو، سنڌ ڪتاب گهر، مورو

Gul Hayat Institute

انت محبوبي

جوڙي جوڙ جهان جي، جڏهن جوڙيائين،
خاوند خاص خلقي، مُحَمَّدؐ مڪائين،
ڪلمو تنهن ڪريم تي، چٽو چايائين،
”اَنَا مَوْلَاكَ وَ اَنْتَ مَحْبُوْبِىْ“ ائين اُتائين،
ڏِکي ڏنائي، ٻئي سرائون سَيّدَ کي.

Gul Hayat Institute

# فهرست


انتساب 7
نئين ڇاپي لاءِ ٻہ اکر — مخدوم جميل الزمان "جميل" 8
نعت جي عظمت: — محبوب سروري 9
ٻہ اکر (منظوم): — مخدوم جميل الزمان "جميل" 15
سال اشاعت آنتَ مَحبُوبِي: — محبوب سروري 17


شعراءِ ڪرام


مخدوم طالب المولیٰ 19
احسن الهاشمي 21
فيض بخشاپوري 23
مخدوم محمد امين فهيم 25
محبوب سروري 26
احمد خان آصف مصراڻي 28
صوفي ساجد سرشاري 29
محمد حسن "ساز" 31
ڊاڪٽر اياز قادري 32
مظفر حسين "جوش" 34
سيد منظور نقوي 36
محمد علي جوهر 37
علي محمّد مجروح 39
منصور ويراڳي 40
ولي سروري 42
انور هالائي 43
استاد بخاري 45
احمد خان مدهوش 46
عبدالقيوم "صائب" 47
سيد مرتضيٰ ڏاڏاهي 49
سوز هالائي 50
نشتر ناتڻ شاهي 52
معمور يوسفاڻي 53
قربان علي آزاد 55
پير ضيا خياروي 56
بدر قريشي 57
اصغر هالو 58
نفيس احمد ناشاد 59
خادم سروري 60
ڊاڪٽر در محمّد پناهؔ 61







ڊاڪٽر نواز علي شوق 62
احمد خان متّقي 63
عبدالله ورياه "آزاد" 64
اسحاق اثر 65
مائل سروري 67
قاضي عبدالحق انصاري تائب 68
شعبان بخت 69
پير محي الدين اعجاز 70
ملازم سروري 71
منور هالائي 72
ڊاڪٽر قمر لغاري 73
غلام رسول راز سروري 74
نواز رڪڻائي 75
شوڪت علي ابڙو 76
"ارشد" هالائي 77
نُور شاهين 78
ثريا سوز ڏيپلائي 80
نذير ناز 81
نغمہ سحر قاضي 82
نسرين نوري 83
حبيب الله صدّيقي 84
شمس صابر 85
عبدالرشيد "رشيد" هالائي 86
رحيم بخش رجائي 87
جوهر بروهي 88
"خاتم" جانوري 90
اسير جسڪاڻي 91
گل حسن بيڪس 92
يوسف حفيظي 93
ناز هالائي 94
محمد يامين غمگين 95
محب الله تبريز 96
گوهر سروري 97
مسڪين سروري 98
عاجز سروري 99
عبد سروري 100
مظهر ڏاهري 101
ضيغم حيدري 102
قربان ڏاهري 103
يوسف مسڪين 104
علي نواز ناز 105
مشڪور ڏاهري 106
شيرل نيڪ سروري 107
ڪاردار "خوشدل" سروري 108
پير مختيار علي شاه 109
شاه زمان شير 110
مخدوم جميل الزمان "جميل" 111




Gul Hayat Institute

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

نعتيہ شاعريءَ جي هن مجموعي

**” اَنۡتَ مَحۡبُوۡبِیۡ “**

جو انتساب

شاعر رسول الله ﷺ

**سَيّدَنا حضرت حَسان بن ثابت النصاري** رضي الله عنه

جن جي ذات بابرڪات

سان ڪريان ٿو

غلامِ محمد ﷺ

**جميل الزمان**





بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

## نئين ڇاپي لاءِ ٻه اکر

”اَنتَ مَحبُوبِي ﷺ“ جو پهريون ڇاپو ڏات ڪتاب جي سلسلي جي پاران 1990ع ۾ شايع ڪرايو ويو هئو ۽ هاڻ ان جو ٻيو ڇاپو طالب المولیٰ اڪيڊميءَ طرفان شايع ٿي رهيو آهي جيڪا وڏي عزت ۽ سعادت جي ڳالهہ سمجهان ٿو.

محمد ﷺ جـــي در جـــو غـــلام آئـــون آهيـــان
اهـا جـاءِ ڪنهن ڪي ڪڏهن ڪـو نـہ ڏينـدس
پلـــــي آزمـــــايو پلـــــي زور لايـــــو
درِ مصـــطفيٰ ﷺ ڪـان پـري ڪـو نـہ ٿينـدس.

۲۵ـ جمادي الآخر ۱۴۳۵ هجري
26ـ اپريل 2014ع
محبوب منزل، ڪراچي

غلامِ محمد ﷺ

**جميل الزمان**



Gul Hayat Institute

# نعت جي عظمت

نعت عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي صفت، ساراهہ، تعريف. سورة احزاب ۾ الله پاڪ ﷻ واضح طور حڪم فرمايو آهي تہ ”بيشڪ الله ۽ اُن جا ملائڪ رسول ﷺ تي درود پڙهن ٿا، اي مومنو! اوهين بہ انهيءَ تي درود سلام پڙهو (سورة احزاب آية 56) از انسواءِ قرآن مجيد ۾ ڪيترن هنڌن تي پنهنجي نبي ﷺ جو اخلاقِ حميده بيان ڪرڻ سان گڏ، الله پاڪ حضور جن سان پنهنجي محبّت جو اظهار بہ ڪيو آهي. ”(اي پيغمبر) تون چئو (ماڻهن کي) تہ جيڪڏهن توهان الله سان محبّت ڪريو ٿا تہ پوءِ توهان منهنجي اطاعت اختيار ڪريو تہ الله توهان سان محبّت ڪندو ۽ توهان جي گناهن کي معاف ڪندو. الله وڏو بخشيندڙ ۽ مهربان آهي“ (آل عمران آية 31) الله تعاليٰ ﷻ پنهنجي حبيب ﷺ کي سٺن ۽ پيار پرين نالن سان خطاب ڪيو آهي ۽ مومنن کي هدايت ڪئي آهي تہ الله ﷻ جي اطاعت سان گڏ رسول ﷺ جي اطاعت بہ ڪريو. الله پاڪ ﷻ انهيءَ سان گڏ پنهنجي نبي ﷺ جو ادب ۽ احترام سيکاريو آهي. ”اي ايمان وارؤ! توهان نبي جي آواز کان پنهنجن آوازن کي وڏو ۽ بلند نہ ڪيو جهڙي طرح توهان هڪٻئي سان زور سان ڳالهايو ٿا (نبي ﷺ جي آڏو زور سان نہ ڳالهايو) نہ تہ توهان جا عمل برباد ٿي ويندا ۽ توهان کي انهيءَ جو پتو ئي نہ پوندو“ (سورة الحجرات آيت 2) هن مان ظاهر ٿيو تہ نعتِ نبي ﷺ (نبي ﷺ جي سهڻي صفت) جي ابتدا پهرين ذات باري تعاليٰ جلشانه ڪئي.

نعت جي جڳهہ ”مدح“ جو لفظ بہ اچي سگهي ها مگر حضرت علي ؓ پنهنجي مدحت رسول ﷺ کي نعت ۽ پاڻ کي ”ناعت“ (نعت گو) چيو





۽ وڏا وڏا اصحابہ اڪرام$ نعت گوئي ڪرڻ لڳا جنهن ڪري نعت جي قدر و قيمت وڌي وئي. هاڻي نعت جي معنيٰ لغوي حيثيت بدلائي نئين معنيٰ اختيار ڪئي يعني ”سهڻي صفت“ يا ”سٺي راهہ“ نعت جو لفظ صرف حضور ﷺ جن جي شان ۾ چيل نظم لاءِ مخصوص ٿي ويو. نعت گوئي جي صنف فنِ شاعري ۾ هڪ نئون، منفرد، اعليٰ ارفع ۽ مقدس مقام حاصل ڪيو. هاڻي نعت جا لوازمات، قاعدا قانون، اصول ۽ طريقا مقرر ٿي ويا، جيڪي صحابہ اڪرام$ جن وضع ۽ واضح ڪيا مثلاً:

(1) نعت جو مقصد رسول ﷺ جي شان، اسوه حسنہ يا اخلاق حميده تي خوبصورت اشعار، جن جو شريعت سان تصادم نہ هجي، جنهن ۾ موسيقي جو نہ دخل آهي نہ اجازت* نعت ۾ وقار ۽ معيار کي خاص طرح ملحوظ رکيو ويو. هل هنگامي، شورو شر، گوڙ گهمسان بدران پُرسڪون طريقي سان مدحتِ مرسل ﷺ ۾ جوشِ ايمان عقيدي ۽ ايقان جو اظهار ڪرڻ ضروري آهي.

واضح رهي تہ هتي ”قوالي“ نعت جي بنيادي اصولن جي دائري کان خارج ٿي وڃي ٿي، جنهن ۾ ڍولڪ طبلي، هارمونيم ۽ ٻين سازن ۽ سازيندڙن جو ٽولو ۽ تاڙين جي ٺوڪ سان گڏوگڏ قوالن ۽ همنوائن جي غير ضروري ۽ غير سنجيده اداڪاري، نعت جي تقدس، معيار ۽ فضا کي مجروح ڪري ڇڏي ٿي.

(2) نعت لاءِ ضروري آهي تہ نعت گو شاعر جي دل حبِ رسالت ۾ سرشار رهي. سندس الفاظ ۾ صداقت ۽ ادائگي ۾ محبّت هجي.

(3) نعت پاڪيزه ۽ سنجيده ٻولن تي مشتمل ٿئي ٿي جنهن ۾ حضور ﷺ لاءِ والهانہ فدائيت، بي ڪنار محبّت ۽ بي پناهہ عقيدت جو بحر موجزن رهي ٿو. نعت مومنانہ صفت جي علمبردار ۽ آئينہ دار ٿئي ٿي.

نعت کي صحابہ اڪرام# جن چار چنڊ لڳايا. حضرت ڪعب بن زهير ؓ، حضرت عبدالله بن رواحہ ؓ ۽ حضرت حسّان بن ثابت ؓ کان علاوه ٻين بہ ڪيترن جليل القادر صحابہ اڪرام# جن نعتيہ شعر چيا آهن.

---

* قاسم محمود سيد، مڪمل اسلامي انسائيڪلوپيڊيا، ڪراچي. شاهڪار بوڪ فائونڊيشن سال 1986ع، صفحو 1411



Gul Hayat Institute

حضرت حسّان بن ثابتؓ تہ شاعرِ دربار رسالت ﷺ هو. مديني جي نياڻين حضور ﷺ جي آمد تي نعتيہ شعر ڳايا هئا.

(4) شاعري جي جنهن بہ صنف ۾ حضور ﷺ جي تعريف ڪجي سا نعت جو مقام تڏهن ماڻي سگهي ٿي، جڏهن انهي شعر جي نفسِ مضمون جو تعلق سڌو سنئون، صريحاً، صاف صاف فقط ۽ فقط حضور ﷺ جن سان هجي! جيڪڏهن انهيءَ شعر جي مضمون جو ڪو بہ اشارو، ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان ڪنهن ٻيءَ شخصيت لاءِ بہ ٿيو تہ اهو شعر نعت جي دائري کان خارج ٿي ويجي ٿو. المقصد ذڪرِ حبيب ﷺ جي خاص تصور تقدس، معيار، مقام، ادب ۽ احترام کان علاوه صاف ستري فضا جي تقاضا هر دور ۾ ملحوظ رکي ويندي آهي. نعتيہ مشاعري ۽ نعت خواني جي محفل ۾ گهڻو ڪري ڪشاده، پاڪ صاف ۽ پرسڪون جڳهہ ۾ فرشي نشست، باادب گفتار هوا خوشبودار، جسم ۽ لباس پاڪ، سر ڍڪيل نظر جهڪيل محفل جا اصول رهن ٿا. سازن سرودن، تاڙين جي نوڪ ۽ اجائي اداڪاريءَ بجاءِ "واهواھ" "سبحان الله" "جزاڪ الله" "ماشاءَالله" وغيره الفاظ ۾ روح پرور ۽ دلڪش داد ۽ تحسين جو اظهار ڪيو ويجي ٿو.

موجوده دور جي الجهيل ۽ منجهيل معاشري ۾ البت انهن اصولن جي پابندي ڪٿي گهٽ بہ ڪئي ويجي ٿي، تاهم مُحمّد عربي ﷺ جي محبّت جو اهو عالم آهي جو اڄ بہ آذان جي وقت مُحمّد ﷺ جو نالو ٻڌڻ شرط درود زبان تي اچي ٿو ۽ عورتون فرطِ محبّت ۽ ڪمالِ ادب کان مٿي تي پوتي درست ڪن ٿيون.

نعت جي ساري فضا، محبّتِ رسالت ﷺ ۽ ايمان بالرسالت جي محور تي ڦري ٿي. نعت شاعري جي سيني صنفن کان، منفرد، مقدّس، پاڪيزه، سنجيده، نازڪ ۽ مشڪل ترين صنف آهي. نعت غزل جي زمين ۾ بہ لکي ويندي آهي.

غزل شاعري جي مقبول ترين رندانہ صنف آهي
نعت شاعري جي مقدس ترين مومنانہ صنف آهي

غزل لاءِ ڇوٽ ڇڏيل آزاد ۽ وسيع ميدان آهي جڏهن تہ نعت جون پاڪيزه حدون مقرر آهن. غزل جي زمين ۾ نعت گوئي ڪرڻ سان نوان





تجربا، نوان رخ، نوان موڙ ۽ دلڪش بندشون نعت ۾ نظر اچن ٿيون. اهڙي طرح گلشنِ شاعري جو هر وڻ، ٻوٽو گل، پن، شاخ ۽ ثمر نعت ۾ شمار ٿي سگهي ٿو شرط آهي تہ نفسِ مضمون نعتيہ هجي!

شاعري جي عام موضوع تي شاعر آزاد هوندو آهي چاهي خدا جو حمد هجي تہ بہ شاعر خدا سان شڪوه جواب شڪوه ڪري ويهي ٿو. مگر سراپا رحمت حضور عربي ﷺ سان اها حجت، گلا، شڪوه شڪايت ڪرڻ جي قطعاً اجازت ناهي، خدا جي معاملي ۾ تہ بندو ديوانو مستانو گستاخ بہ ٿي ويجي ٿو، مگر مُحمّد ﷺ جي معاملي ۾ هوشيار ۽ محتاط رهڻ گهرجي.

باخدا ديوانہ باش و با مُحمّد ﷺ هوشيار

نعت ۾ حضور ﷺ جي ميلاد، سهڻي سيرت، سهڻي صورت، اخلاقِ حميده، صفات، ڪمال، جمال ۽ نوال جو ذڪر ڪيو ويندو آهي.

نعت ۾ روحاني اقدار، پاڪيزه افڪار، سروري اسرار ۽ نبوي انوار تي مشتمل معياري اشعار اچن ٿا، جن ۾ ادب شائستگي، ايمان ايقان، محبّت ۽ صداقت جا موتي مڙهيل ٿين ٿا.

انهن سيني اصولن ۽ ڳالهين کان علاوه نعت ۾ اجا بہ هڪ نازڪ ترين مقام اچي ٿو اهو آهي محبّت ۽ شريعت جو امتحان.

شريعت ۾ مُحمّد مصطفيٰ ﷺ محبّت ۾ محبوبِ خدا آهي!

نعت جو مقام محبت ۽ شريعت جي درميان هوندو آهي. محبّت ۽ شريعت مان ڪنهن بہ هڪ جي تقاضا ڪي ڇڏيو ويو تہ پوءِ نعت نعت نہ رهندي، محبّت ۽ شريعت جي بنيادن تي، نازڪ لطافتن، نوراني نزاڪتن، شاعرانہ فصاحتن، بلاغتن ۽ جدتن، سنجيده عقيدتن، شائستہ صداقتن، روحاني راحتن ۽ نبوي عظمتن جو ذڪر نڀائڻ واري شاعرانہ صنف کي نعت چئجي ٿو. باوقار تشبيهن، ڪناين، اشارن، پُرنور نظارن، ايمان ۽ عرفان جي بهارن سان نعتيہ شاعري اهو مقام حاصل ڪيو جو هڪ سني نعت، "نعمت" ۾ شمار ٿيڻ لڳي. نعت گو شاعرن نعت گوئي جي صلاحيت کي خدا جي طرفان پاڻ لاءِ "نعمت" تصور ڪيو:

ازل میں جب ہوئیں تقسیم نعمتیں "محسن"
کلام- نعتیہ رکھا میری زبان کے لئے۔

اسلامي دنيا جي هر زبان ۾ بلند مقام نعت گو شاعر ٿي گذريا آهن. جيڪي نعت رسول ﷺ جي صدقي عالمِ اسلام جي آسمانِ سخن تي



Gul Hayat Institute

همیشہ چمڪندا رهن ٿا. مسلمان شاعرن کان علاوه غير مسلم شاعرن بہ حضورﷺ جي اسوۀِ حسنہ کان متاثر ٿي نعت گوئي ڪئي آهي ۽ ثنائِ رسولﷺ جي طفيل مسلمانن جي دلين ۾ عزت ڀريو مقام حاصل ڪيو اٿن.

نعت ۾ محبّتِ رسالت جو رنگ شريعت تي حاوي ضروري رهي ٿو. تاهم محمدﷺ جي محبّت، محمدﷺ جي شريعت جي منحرف ۽ تارڪ ٿي نٿي سگهي. پل صراط وانگر نعت، محبّت جي تخيّل ۾ هڪ نازڪ گذرگاهہ آهي، جتان شاعر کي ايمان بالرسالت جي سهاري لنگهڻو پوي ٿو.

ٻين زبانن وانگر قديم خواهہ جديد سڀني سنڌي شاعرن، شاعري جي مختلف صنفن ۾ نعت گوئي ڪئي آهي. سنڌي ”مولود“ بہ نعت جي اصولن تي مدار رکي ٿو. مشهور محقق ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي راءِ مطابق ”مولود هڪ مخصوص نالو آهي جو سنڌ وارن رکيو ۽ رائج ڪيو. ڪنهن اهو نالو رائج ڪيو ۽ ڪڏهن کان اهو نالو رائج ٿيو سو چئي نٿو سگهجي، پر مفهوم ۽ مقصد جي لحاظ سان اهو انوکي ۽ اصولي معنيٰ رکي ٿو. مولودن کي بنا سازن سرودن جي ديني محفلن ۽ درويشن جي مجلسن ۾ پڙهيو ويو ۽ اڄ تائين پڙهيو وڃي ٿو. تاريخي طور مولود سنڌي ماحول جي پيداوار آهي ۽ سنڌي ۾ رائج آهي.“

راقم الحروف جي تحقيق مطابق مولود پنجين صدي هجري ڏاري عباسي دور ۾ عربن ذريعي سنڌ ۾ پهتو. غالباً نو سؤ سال سنڌ ۾ رهڻ سبب مولود پنهنجو اصل نالو تہ برقرار رکيو. باقي سڄو جامو سنڌي جو اختيار ڪيائين. عهدِ عباس ۾ ملڪ شاهہ سلجوقي بغداد ۾ 485 هجري ۾ وڏي پيماني تي ”مجلس مولود“ منعقد ڪرائي.نعت جي فن کي هتان ئي تقويت ملي. عيدالاضحيٰ، عيدالفطر، شبِ برات، شبِ قدر، شبِ معراج، ميلاد النبيﷺ ۽ آخري چار شنبہ وغيره جي موقعي تي مولود جي محفلن جو انعقاد ٿيندو رهيو. سنڌ حبِ رسالتﷺ ۾ هميشہ رتل ۽ پڪل رهي ٿي تنهن ”مولود“ کي هميشہ لاءِ پنهنجو بنائي ڇڏيو.

نعت کي مشڪل فن چئي اسان اهلِ۔محبّت کي ڊيڄاري نٿا سگهون. هر دور ۾ هر شاعر پنهنجي ذهني علمي ۽ روحاني بساط آهر نعت چئي آهي. ڪڏهن محبّت سان رنديا روڙيل بہ اڻ توريا اگهامي وڃن ٿا!





اسان وٽ ڪو بہ اهڙو پيمانو نہ آهي تہ اسين ڪنهن کي گهٽ ڪنهن کي وڌ، ڪنهن کي ننڍو يا ڪنهن کي وڏو نعتيہ شاعر چئي سگهون ڇو تہ انهيءَ فيصلي جو محبّت جو گهراين سان واسطو آهي. محبوب جي من پسند ڳالهہ محبوب ئي ڄاڻي! حضور سائينﷺ کي ڪهڙي ساراهہ ڪهڙي صفت، ڪهڙا ٻول ۽ ڪهڙا لفظ ٿا وڻن سو ڪيئن چئجي. صرف مصنوعي سجاوٽ ۽ ٺاهہ ٺوهہ بندش ۽ بناوت، مبالغوۓ لفاظي درڪار ناهي. خبر ناهي حضورﷺ کي ڪهڙي نعت ۽ ڪهڙو ناعت پسند هجي.

عهدِ رسالتﷺ ۾ ذڪرڻ يمن جو رهاڪو هڪ دشمن۔رسولﷺ شخص، ڪعب بن زهير، حضورﷺ جي مخالفت ۾ غليظ شعر لکندو هو. حضورﷺ سائينﷺ جن سندس اهڙي گندي روش تي سخت رنج رهيا ۽ کيس واجب القتل قرار ڏنائون ۽ سندس قتل جو حڪم صادر فرمايائون. ڪجهہ وقت بعد ڪعب بن زهير جي اندر ۾ اوچتو انقلاب آيو. سندس من محمدﷺ جي محبّت ۾ سرشار ٿي ويو. سندس قلب توحيد جي روشني سان منّور ٿي ويو. هو بارگاهِ۔ رسالتﷺ ۾ پهچي صدق دِل سان مسلمان ٿيو ۽ انهي وقت شانِ رسالتﷺ ۾ في البديهہ قصيدو پڙهيائين حضورﷺ جن سندس قصيدو ٻڌو ۽ پسند فرمايو سندس گناهہ درگذر ڪري، خوش ٿي، کيس پنهنجي چادر ڍڪايائون! هڪ دشمن۔ رسولﷺ، دوزخي ۽ واجب القتل شخص صحابہ اڪرام# جي صف ۾ شمار ٿي ويو. صدقِ دل سان نعت رسولﷺ پڙهڻ جي طفيل بخشش جي پالوٽ ۾ هميشہ لاءِ نوازجي ويو. اهو مشهور زمانہ قصيدو ”بانت سعاد“ اڄ بہ عالمہ اسلام ۾ مقبول اهي. ڪيترن ئي بزرگن انهيءَ جي تتبع تي قصيدا لکيا آهن ۽ انهيءَ قصيدي جا مختلف زبانن ۾ ترجما ڪيا ويا آهن.

نعت خدا جي خوشنودي جو ويجهو رستو ۽ شفاعت۔ مرسلﷺ جو مؤثر ذريعوآهي جيڪا نعت حضورﷺ کي پسند اچي تہ نعت گو شاعر لاءِ باعثِ سعادت ۽ باعث۔نجات آهي، مٿس حضورﷺ جون عنايتون ۽ بخششون ساوڻي مينهن وانگر وسڪارو لائي ڏين ٿيون ۽ نعت گو شاعر جا ٻئي جهان موچارا ٿي وڃن ٿا.

**محبوب سروري**



Gul Hayat Institute

## ”اَنۡتَ مَحۡبُوۡبِیۡ“ جي لاءِ ٻه اکر

خدا خاص خلقيو مٺي مير کي
مٺو مير جنهن وقت پيدا ٿيو
پکڙجي وئي روشني چوطرف
محمد ﷺ خدا جو پيارو نبي
محمد ﷺ جي صدقي جڙيو هي جهان
محمد ﷺ جي ڪارڻ زمانو ٿيو
محمد ﷺ خداوند جو محبوب آ
انهي جي اڳيان ڪير گستاخ ٿئي
انهيءَ جي ثنا واسطي دل کپي
کپن پاڪ تشبيهون ۽ لفظ ٿا
خدا ڪنهنکي ڪنهنکي ڏني ذات اها
ٻٽي سال اڳ ۾ هي آيم خيال
انهي مهل ويهي پلاننگ ڪيم
لکي سنڌ ۾ نعت ٿو ڪير ڪير
ڪٺي پينَ شعراءَ جا نالا لکيم
ٻٽي ايڊريسون ته انور ڏنيون
لکيم ذات طرفان انهن ڏانهن خط
ادارو نئون آهي قائم ٿيو
اوهين دور حاضر جا شاعر آهيو
اوهين سنڌي ٻولي جا آهيو سڄڻ
ادب جي اُفق جا ستارا آهيو
اداري ڪيو آهي هي فيصلو

نبين جي سردار ۽ پير کي
ڪندو ڪفر واڪن تي واڪا ويو
نظر آئي پاڪيزگي چوطرف
سڳورو سڀاجهو پلارو نبي
محمد ﷺ جي صدقي جڙيو آسمان
خدائي جو هي ڪارخانو ٿيو
محمد ﷺ خداوند جو مطلوب آ
انهي جي اڳيان ڪير مستي ڪري
سخن کي بلندي جي منزل کپي
انهيءَ جي ڪري نعت آسان نہ آ
اهو ذوق هر ڪنهنکي ناهي عطا
مرّتب ڪجي شاعري جو ڪمال
ڪٿان آڻجي اهڙو فن سوچيم
چوي سنڌ ۾ نعت ٿو ڪير ڪير
سيئي ايڊريسون سندن هٿ ڪيم
۽ باقي ٻين دوستن کان مليون
گذارش انهيءَ ۾ ڪيم هئي فقط
سندس سڏ ۾ اي صاحبو سڏ ڏيو
اوهين دور حاضر جا ماهر آهيو
اوهين سنڌ ڌرتيءَ جا آهيو سڄڻ
سڄي قوم پنهنجي کي پيارا آهيو
ڪريان آءٌ گڏ جو سخن آ سچو





انهيءَ لاءِ مون تي هي احسان ڪريو
خوشي ٿي جو سڏ ۾ مڙن سڏ ڏنو
جڏهين سارو ميٽر هو ترتيب ٿيو
تڏهن ڪان ئي هليو ڇپائي جو ڪم
مگر وچ ۾ جهيڙن، فسادن سبب
سڄو حيدرآباد ٿي بند ويو
ڇپائي ۾ پڻ ڏاڍو رخنو پيو
جڏهن حالتون ٿوريون سڌرڻ لڳيون
تہ محبوب صاحب تي هي ڪرم رکيم،
انهي پنهنجو ڪم سمجهي هي ڪم ڪيو،
ڏنئين قيمتي وقت پنهنجي مان وقت،
ڪئي مهرباني اٿس ٿو مجان
خداوند جي لطف و ڪرم ساڻ اڄ
ڏنو جن بہ پنهنجو سخن بي بها
اوهانجي هٿن ۾ جو آهي ڪتاب
خيالن ڪان پنهنجي ڪجو مستفيض
خدا جو قسم صبح شام آهيان

10 رمضان المبارڪ 1410هہ
6 اپريل 1990ع، هالا شريف

ڪپي نعتيہ شاعري موڪليو
مڙن اهل فن دوستن سڏ ڏنو
تہ سو طارق اشرف ڏي پهچايو ويو
پروفن کي جانچي ۽ جونچي ڏنم
رڳو ڪرفيوئن ۽ ڌماڪن سبب
پکڙجي سڄي سنڌ ۾ گند ويو
ڇپائي جو ڪم بند ڪرڻو پيو
جڏهن نفرتون ٿوريون گهٽجڻ لڳيون
پروفن وغيره ڏسڻ لاءِ ڇيم
اگرچہ هو خود ڏاڍو مصروف هئو
نہ اندر ۾ آندئين ڪڏهن سوچ سخت
سندس آءٌ ٿورائتو آهيان
تيار آهي موتين جو مهراڻ اڄ
جميل الزمان تنجو ممنون آ
بلاشڪ سو آ تحفۂ لاجواب
اداري جي هيءَ آ، اوهان ۾ اُميد
محمد ﷺ جي در جو غلام آهيان.

**مخدوم جميل الزمان ”جميل“**



Gul Hayat Institute

انت
محبوبي

انت
محبوبي

محبوب سروري

## سالِ اشاعت ”اَنۡتَ مَحۡبُوۡبِیۡ“

خاص الخاص آ خوشخبري،
چيچي ويو ”اَنتَ مَحبُوبِيﷺ“.

نعت نبيﷺ جو گلشن هي،
۽ ”جميل“ انهيءَ جو مالهي.

هاتف کان ”محبوب“ پڇي،
تاريخ اشاعت ڪهڙي؟

آيت پڙهيائين خوش ٿي،
”وَرَفَعۡنَا لَكَ ذِكۡرَكَ“ جي*

١٤١٠ هجري

Gul Hayat Institute

* وَرَفَعۡنَا لَكَ ذِكۡرَكَ”۽ (اي نبيﷺ) اسان تنهنجي لاءِ تنهنجي ساراهه کي مٿاهون ڪيو.“
(القرآن سورة الم نشرح پاره 30)

## عشقيه نعت شريف

تون ئي منهنجي قلب ۾ عُزلت گزين[1] لاريب فيه
ٿو چوان آهين حسينن کان حسين لاريب فيه

تنهنجي گفتن تان تصّدق هر ڪوئي شيرين سخن
تنهنجو گفتو گفتو رشڪِ انگبين لاريب فيه

عرقِ عارض مان اچي بو غيرتِ بويءِ گلاب
هر نَفَس تنهنجو لڳي ٿو عنبرين لاريب فيه

تنهنجي ڪرّوفر اڳئان ڪوئي نٿو بيهي سگهي
ٿي جهڪي هر وقت چشمِ خشمگين[2]لاريب فيه

هر گهڙي خم ٿو رهي هو تنهنجي عِزّ و شان کان
آسمان هر هر چمي تنهنجي زمين لاريب فيه

تون مقام اوليٰ جو صاحب تون عظيم المرتبت
ات وڃي پهتين، نہ جت روح الامين لاريب فيه

مہ جبين، مهوش ٿين ٿا فيضور توئي وٽان
تنهنجي باغ-حسن جا سڀ خوشہ چين[3] لاريب فيه

هڪري جلوي هوش نئو موسيٰ جو ڪوهہِ طور تي
تو وڃي ڳالهايو بر عرشِ برين لاريب فيه

توکان پوءِ آيو نہ ايندو ڪو وري پيغامبر
مومنن کي تو ڏني حبل المتين[4] لاريب فيه

تنهنجي در تي سيڪو سر ازخود اچي خم ٿو ٿئي
تنهنجي چانئٺ کي چمي ٿي هر جبين لاريب فيه

منهنجي اگلاين ۽ گدلاين کي توتي ناز آهہ
اي ڪرم گستر شفيع المذنبين لاريب فيه

عالمِ بالا تي پهتين تون ئي بالنفسِ نفيس
ٿئين وڃي مولا سان هڪدم همنشين لاريب فيه

ربّ کان دوري؟ سوال ئي ڪو نہ ٿو پيدا ٿئي
تون وڃي "قوسين"[5]جيئن پهتين قرين لاريب فيه

طالب المولیٰ بہ تنهنجو مقتدي هر وقت آهہ
تون امامِ اوّلين و آخرين لاريب فيه[6]

29- اپريل 1982ع
هالا

---

[1] خلاصگاهي
[2] ڪاوڙيل
[3] خوبيون چونڊيندڙ
[4] خدا جي مضبوط رسي يعني قرآن
[5] ٻہ ڪمانون
[6] انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي




Gul Hayat Institute

احسن الهاشمي

اي قلم! عقلِ مڪمل جي تقاضا چو پلا
پهرين مونکان پڇ تہ چاهي منهنجي دل جي مدّعا

منهنجي دل جي مدّعا، محبوب جي مدح و ثنا
پر تعجب ٿم تہ ڪيئن سگهندس ڪري اجرت ادا

مون ۾ طاقت ناهي جو پهچان سرِ عرش اوليٰ
بندۂ ناچيز عاصي کان نہ ٿئي ڪارِ خدا

انجي مدحت آهي مخصوصِ زبانِ ڪبريا
۽ رهن ٿا ڪُل ملائڪ امرِ حق سان همنوا

آۀ ڪٿان آڻيان اهي رستا ۽ اهڙا حوصلا
منهنجو فڪر نا رسا ذڪر محمد مصطفيٰ ﷺ

هي اها هستي جا هستي آهي محبوب خدا
هي اها هستي جا هستي آهي ختم الانبيا

آهي جي نوري تہ آهي مظهر نورِ خدا
پر جي خاڪي ٿيو تہ اهڙي خاڪ جا ڇا مرتبا

يعني اهڙي خاڪ تان سوَ نور ۽ نوري فدا
هت ڪري سگهجي نٿو مخلوق کان خالق جدا





عرش ڪرسي جا ٿهيا نقاشا مثالِ نقشِ پا
هن جي قدمن جو توقف آهي سدرة المنتها

هن جي پيشاني پسي پيدا ٿيا حلم و حيا
۽ تبسم کي ڏسي تخليق ٿيا جود و سخا

جنبشِ لب جنهنجي آ سرمايہء صدق و صفا
هنجي بي سايہ بدن ۾ سايہء لطف و عطا

هنجا گهر وارا شهيد و غوثيا و اوليا
محترم معصوم عابد اصل ايمان اتقيا

مهرباني ڪن مٿيءَ تي، ٿي وڃي خاڪِ شفا
دردمندن لاءِ تنجي خاڪِ پا دارو دوا

دربدر ٿي احسنِ آشفتہ سر سڀ در ڇڏيا
۽ ڪيئين آخر اچي حيدر جي در تي اڪتفا



Gul Hayat Institute

## بَحضورِ رحمت اللعالمين

مطلعِ صبحِ ازل عالم ۾ ٿيو نور آفرين
جلوه فرما ٿيو جهان ۾ نورِ ربّ اللعالمين

صاف فرمايو آ فرقان ۾ خداءِ لم يزل
وَمَا اَرسَلْنَاكَ اِلَّا رَحْمَتُ الْعٰلَمِيْنَ

زينت و نازِ نبوّت آ محمد ﷺ مصطفيٰ
نازشِ ڪل مرسلان ذاتِ امام المرسلين

نور افشاني سان ٿي وئي جهل جي ظلمت فنا
جلوه فرما ٿيو جهان ۾ حاملِ نورالمبين

پرتوِ نقشِ قدم کان مهرو ماو و مشتري
انورِ رخ کان منّور دل منير المومنين

بي خودي منّت ڪشِ ادراڪ و عرفان آگهي
سالڪي آ سر بسجده يا سراج السالڪين

پيش تنهنجي عالمِ ملڪوت ٿيو سر بسجود
داغِ سجده کان فروزان آ فرشتن جي جبين

شمع بزمِ حضرتِ يزدان شبِ معراج ۾
خاڪ پا آ غازه و زيبِ رخ عرشِ برين





جلوه فرمائي زمين تي تو ڪئي از لامڪان
سر جهائي رشڪ کان ٿو آسمان سوءِ زمين

عرصئہ ڪون و مڪان جستِ براقِ خوش زقند
گرد آلوده ويو ٿي شهپرِ روح الامين

لاشريڪ و وحده دائم و قائم و قديم
تو جو فرمايو ڪيم تسليم باصدق و يقين

گوهرِ گنجينئہ اسرار آ هر شعرِ "فيض"
ڪير ٿو سمجهي؟ بجز صاحب دلان و عارفين

ڪلمہ گو کي بي شبہ خوفِ خطا ڪاري نہ آ
سايہ افگن "فيض" محشر ۾ شفيع المذنبين

محمدﷺ تنهنجي مي جو مان ٿيس ميخوار بسم الله
پري ساقي پيالي تي پيالو پيار بسم الله

شرابِ عشق عربي اڄ پياري مستُ ڪر اهڙو
هجي جنهن جو مون کي هر دم نشو نروار بسم الله

گهڙي پل ۾ هتان مون کي گهرائي وٺ مديني ۾
اهو ڪو معجزو مرسل ڪري ڏيکار بسم الله

هئو مشڪل مگر تنهنجي اچڻ ڪانپوءِ آسان ٿيو
ڏسي توکي لهي ويڙا غمن جا بار بسم الله

سڳوري رات سونهاري ۽ هئي ڪا مهل موچاري
ڪيم جنهن رات تنهنجو خواب ۾ ديدار بسم الله

سڄڻ قدمن مٿان تنهن جي ٿيان قربان لک ڀيرا
ڪيان معلوم جي تنهنجي اچڻ آثار بسم الله

”امين“ مشڪل اچي ڪوئي ته پڙهه صلواة سيّد تي
غم و اندوهه مان ٿي ويندا ٻيڙا پار بسم الله





## ....تنهنجي ڪري!

فلڪ آ تنهنجي ڪري ۽ زمين تنهنجي ڪري،
جڙيو هي جوڙ رسول الامين تنهنجي ڪري.

اسان کي خالقِ اڪبر جي ڪا خبر نہ هئي،
خدا تي آيو اسان کي يقين، تنهنجي ڪري.

عرب جا ماڻهو هئا بي علم، جاهل ۽ جهنگلي،
ٿيا سي مهذب و دانا، ذهين، تنهنجي ڪري.

هُئا جي دورِ جهالت ۾ بدترين انسان،
معاشري ۾ ٿيا بهترين، تنهنجي ڪري.

تو پنهنجي نُور سان، اوندهہ جو چيريو سينو،
سڄو جهان ٿيو روشن، حسين، تنهنجي ڪري.

اسان تہ توکي ڏٺو آ، خدا کي تو آ ڏٺو،
سڃئي ٿا تنهنجي خدا کي مڃين، تنهنجي ڪري.

پڙهايو تو ئي اچي ”لا الله الاالله!“
اسان کي اُن تي آ ڪامل يقين، تنهنجي ڪري.

ضعيف هوندي بہ، ڏاڍن جا هانوَ ڏاريون ٿا،
ملي حضورﷺ! ٿي فتحِ مبين، تنهنجي ڪري.



Gul Hayat Institute

ڀين جي حال جي آقاﷺ! خدا کي آهہ خبر،
حضور! مون آ ميجيو تنهنجو دين، تنهنجي ڪري!!

ڪيئي مون جهڙي گنهگار تي ڪرم آقاﷺ!
سيئي ٿا ”سروري“ مونکي سڏين، تنهنجي ڪري.





احمد خان آصف مصراڻي

## نعتِ نبيﷺ

مصطفيٰ آيو تہ دنيا تي اثر ٿيندا ويا
جي خدا کان بي خبر هئا باخبر ٿيندا ويا

آمنه$ جي گود ۾ جيئن جلوه گر ٿيندا ويا
ظلمتون هٽنديون ويون روشن سحر ٿيندا ويا

ڪين سايو ڪو نہ هو، دنيا تي ٿيا سايہ فگن
پاڻ ساماڻ تہ چورن جا ڇَپَرَ ٿيندا ويا

مصطفيٰﷺ جي نور جا هي مختلف نالا ٿيا
شمس ڪي ثاقب ڪي انجم ڪي قمر ٿيندا ويا

مصطفيٰ جي شان ۾ ڪيڏا بہ لک دفتر طويل
درحقيقت مختصر کان مختصر ٿيندا ويا

بر محمدؐ مصطفيٰﷺ ”آصف“ پڙهون دائم درود
هي قيامت واسطي سهڻا ثمر ٿيندا ويا



Gul Hayat Institute

انت محبوبي

## نعت شريف

اي هير سنڌڙي جي! مديني وڃي رسيج،
چانئٺ چمي روئيج ۽ منهنجا سلام چئيج.

جهوراٽي ۽ وڇوڙي جا سڀ حالڙا سليج،
هٿڙا ٻڌيج، حاضري لئي عرضڙا ڪريج.

مدنيﷺ مٿان درود، سدائين پيو مڃيج،
دل جي حضور سان چئي مومن سچو ٿيج.

اي عاصي! ڳالهہ منهنجي هينئين سان هي هنڊيج،
محشر جي لاءِ نينهن محمد نبيﷺ جو نيج.

واڳون ولهي تي واري، اي وارث! ولهو وريج،
عيبن اُگهاڙو آ ڪيو ستار تي ڏڪيج.

هي پرت جو آ پنڌ، پرين! پاهان پڳ م ڏيج،
رباني رَهہ تي عشق نبيﷺ جو ڪٺي رميج.

ٻيا ٻول ئي ٻڌيج، نڪي سڏ ٻيا سٽيج،
ديوانو مصطفيٰ جي محبّت ۾ تي رهيج.

ڏيئي سري ڪي ٻانهن، ٻي اونو نہ ٿي سمهيج،
نرمل نبيﷺ جي عشق ۾، آڌي ڏيئي اُٿيج.

ٻڌ! اهلِ معرفت سندو ارشاد هي سچو
جي مغفرت ٿو چاهين مديني ۾ دفن ٿيج.



انت محبوبي

جو تنهنجي من ۾ مچ آ مچايو نبيﷺ جي عشق،
ڪڏهين نہ ڪٽ ڪڇيج، ۽ ڪڏهين نہ ڪٽ ڇليج.

جنّت ڪي جي ڏسڻ جي تمنّا اٿئي، تہ پوءِ،
سڪ ساڻ، عشق ساڻ، مدينو وڃي ڏسيج.

دنيا ۾ آ شفيق، تہ عقبا ۾ آ شفيع،
احسان قربدار جا ڳڻيو پيو ڳڻيج.

لالڻ جي آهي لونءِ، لڪائيج لوڪ کان،
پنهنجو اندر نہ ڏيج ۽ ڍڪيو پيو ڍڪيج.

دربار مصطفيٰﷺ جو آ، جنهن ۾ نہ جهل نہ پل،
جيڪو وٽئي گهريج ۽ جيڪو وٽئي ڪٽيج.

پرين سندي پچار، پري پاڻ کان م ڪر،
پرتاٽي پيچرن تي پيو، پرت سان پريج.

لوٽي مٿان لپاٽ لڳئي، ڪنڌ ڪيم قير،
مدني نبيﷺ جا واٽ ڏسي، سا وٺيو وڃيج.

احمدﷺ جي عشق جو جي مچائڻ ٿو مچ گهرين،
دل جو ڏمڻ درود سان ڏميو پيو ڏميج.

جي قرب ۾ شريڪ ٿيڻ ٿو گهرين، تہ پوءِ،
جنهن کي گهٽو ٿو ربّ گهري، تنهن کي گهٽو گهريج.

رتبو عظيم آهي محمد ﷺ جو جنهن تي آ،
هر فرد کي، ملڪ کي، نبيﷺ کي، خدا کي هيج.

جي سربلندي روزِ جزا جي کپئي تہ پوءِ،
ساجد نبيﷺ جي در مٿان نميو پيو نميج.



Gul Hayat Institute

## نعت

جڏهن تہ زندگي جي هر شجر جي خشڪ هئي ٽاري
جڏهن تهذيب جي گل تي فقط وحشت هئي طاري

جڏهن حسنِ عمل جا خشڪ چشما ٿي ويا سارا
جڏهن انسانيت جي نام تي آيا ڪڪر ڪارا

جڏهن اخلاق ۽ اخلاص هو مفقود ڇوڏاري
جڏهن جبر و تشدد ۽ ستم جو دور هو جاري

جڏهن هو پاڻ ڪيتن جو مٿي جو ڍير ۽ واري
جڏهن انسان خود پنهنجي نگاهن تي هئو باري

جڏهن انسانيت جو ڪين هو نام و نشان باقي
جڏهن انسان جي لب تي رهي آهہ و فغان باقي

تڏهن قانونِ فطرت کان صداقت جو ثمر آيو
اميدن آرزوئن جو ستارو ڪجهہ نظر آيو

هزارين جنتون آيون هزارين راحتون آيون
خدا جو شڪر آهي جو مبارڪ ساعتون آيون

شهنشاهي، غلامي، سرڪشي مفرور ٿي ويئي
خد اجي نور سان ساري زمين معمور ٿي ويئي

جتي عالم هو ظلمت جو اُتي جڻ زندگي آئي
محمد مصطفيٰ ﷺ آيو اُنهي سان روشني آئي.





## نعت

جڳ جو مطلوب مصطفيٰ تون آن
ساري عالم جو پيشوا تون آن

تنهنجي آئي وئي ڪفر جي اوندهہ
جنهن سان روشن آ جڳ ضيا تون آن

جنهن سان بيدار ٿيو جهان سارو
سو پڙاڏو ندا، صدا تون آن

رهنما جي پٺيان مان ڇو ڊوڙان
رهنمائن جو رهنما تون آن

دان در تان وٺن ٿا سڀ تنهنجي
مالڪِ شاهہ ۽ گدا تون آن

جي خدا جو حبيب تون آهين
منهنجي من جي بہ مدّعا تون آن

توسان الفت جو ڇا بيان ڪريان
ابتدا تون ۽ انتها تون آن

تون غريبن جو پرجهلو آهين
مظهرِ رحمتِ خدا تون آن

ڪين ميڙيو مون ڪڇ سوا ڪجهہ آ
مون خطا ڪار جي شفا تون آن



Gul Hayat Institute

آ گناهن جي بحر ۾ ڦاٿل
منهنجي ٻيڙي جو ناخدا تون آن

درد مونکي کو لادوا آهي
لا دوا درد جي دوا تون آن

جهول خالي ”اياز“ جو آهي
صاحبِ جود ۽ سخا تون آن





مظفر حسين ”جوش“

نعت شريف

دل کان لب تائين آ عشقِ مصطفيٰ جو سلسلو
شل رهي تا مرگ صلواة و ثنا جو سلسلو

روح جي ائين ذاتِ اظهر ساڻ آهي ربط و ضبط
جيئن حرم سان قائم آ غارِ حرا جو سلسلو

کفر جي ظلمت وئي انسانيت کي رخ مليو
ويو ملي انسان سان آخر خدا جو سلسلو

تنهنجي بخشش پنهنجن ۽ غيرن تي آهي بي حساب
ختم ٿيندو ڪين هي جود و سخا جو سلسلو

اڄ بہ قرآن تنهنجي عظمت جي گواهي ٿو ڏئي
اڄ بہ تنهنجي ئي ڪرم سان آ هديٰ جو سلسلو

ٿيو اوهان جي ياد سان روشن شبستانِ وجود
هر نفس گويا آهي صلِ عليٰ جو سلسلو

مثل انجم سڀ صحابہ رضہ آهن اها آهي حديث
ماهِ يثرب ﷺ سان سندن آهي ضيا جو سلسلو

مُرتد آهي نہ ٿو جو ختم نبوت کي مڃي
توتي بيشڪ ختم آهي انبيا جو سلسلو

تنهنجو مُنڪر ملحد و منڪر آهي اسلام جو
اڄ تائين هلندو اچي ابنِ سبا جو سلسلو



Gul Hayat Institute

مضطرب گويا هئي تخليق جي لاءِ ڪائنات
ڪُن سان قائم ٿي ويو ارض و سما جو سلسلو

”جوش“ جنهن جي ذات سان قائم آهي منهنجو پرم
تنهنجي در سان آهي وابستہ دعا جو سلسلو





**سيد منظور نقوي**

## نعتيہ ڪافي

محمد ﷺ جي قدمن ۾ شاهيون اميريون
اهو در اسان لئي رڳيون دستگيريون

جتيءَ جوڙ ڪنهن ڪي نٿو جڳ ۾ پائيان
ڇمي پير پرين جا اکڙين سان لائيان
پٽيءَ ۾ لڪل جن جي روشني ضميريون

ڇمي ماڻڪيءَ ڪي ڳچيءَ پاند پايان
پڇي وس تہ پهچي عبا ۾ لڪايان
مڙئي ڪم نگاهيون هڙئي بي بصيريون

اطاعت ۾ الفت جا ڳل پائي ڳانا
سين امتن ۾ سڏيا سين ديوانا
قبوليوسين عشقِ نبيءَ ۾ اسيريون

ثنا خواني سونهين ٿي سَيِّدَ جي گهر جي
غلامي اي ”منظور“ ڪر اهڙي در جي
اميرين ڪان وڌ جنهن جي در جون فقيريون

Gul Hayat Institute

## نعت

ساهہُ صدقي سر لڳي توساڻ، مان قربان ٿيان،
نانءَ تُنهنجي تان مون گهريان پاڻ، مان قربان ٿيان.

مان گهريو جو ڪجهہ ملي ويو تنهنجي پيرن ۾ پڳس،
پيو ڪپي مون کي نہ ڪجهہ پيي هاڻ، مان قربان ٿيان.

زندگي تنهنجي اشارن تي ڪندس قربان مان،
آ ڏنو ڏاتر اهوئي، ڏاڻ، مان قربان ٿيان.

سونهن تنهنجي جي ثنا حورون ملائڪ خوب ڪن،
تنهنجي وَرقن ۾ بہ آ واکاڻ، مان قربان ٿيان.

تنهنجي در تي حسرتون دل جون سيئي پوريون ٿيون،
دَرُ ڇڏي ٻئي دَر، وڃان ڇاڪاڻ، مان قربان ٿيان.

روئي روئي پوئتي دريا وهائي مان پڳس،
منهنجي ڳوڙهن مان اُڌهو مهراڻ، مان قربان ٿيان.

چنڊ، تارا، سج، زمين و آسمان تنهنجي ڪري،
هي مڙئي مالڪ منڊيا ماندڻ، مان قربان ٿيان.

تو گلن کي رنگ بخشيو چنڊ کي روشن ڪيو،
مشڪ عنبر کي مِلي سرهاڻ، مان قربان ٿيان.

ماءُ پيءُ منهنجا تصدّق، ٻار ٻچڙا گهورَ ٿين،
سؤ دفعا صدقي ڪيان مان پاڻ، مان قربان ٿيان.





هن اُجي کي ڪوثر و تسنيم جا ساقي سخي!
اَڃ ميا اَڃ ڪٿ عطا ڪر ماڻ، مان قربان ٿيان.

ڪئي پلائي تو پلارا، پاڳ ٻچڙي جا پلا،
پاڳيا تنهنجا نہ ڪٿندا پاڻ، مان قربان ٿيان.

اَڃ ڳٽيا احسان مون تي ۽ پلايون بي حساب،
ويو لڳي پيچل سندو آ ٻاڻ، مان قربان ٿيان.

اَڃَ گهريو ايڏو ڏنئہ پرجي وئي جهولي سڄي،
آهہ رحمت جو اهو اُهڃاڻ، مان قربان ٿيان.

هڪ نظر سان ئي وئي اک ڇنپ ۾ ڪايا پلٽجي،
دل جي دنيا ٿي وئي چانڊاڻ، مان قربان ٿيان.

پت جي رهجي شل اچي پيرن ۾ پورا ٿين پساهہ،
پهر پويون ٿيو ا پورو ڄاڻ، مان قربان ٿيان.

تنهنجي پيرن جي مٽي تان موتي، ”جوهر“ لعل لک،
گوهرن جي گهوريان سؤ ڪاڻِ، مان قربان ٿيا.



Gul Hayat Institute

## نعت

پيار جي پالوت ٿي ۽ درد ڏرتيءَ جا لٽا
مينهن وٺا رحمتن جا برڪتن جا در کُليا

تنهنجي آئي عاجزن کي عشق جي عظمت ملي
تون سراپا نور- رحمت اي محمدﷺ مصطفيٰ

بي خبر انسان کي عرفانِ حق حاصل ٿيو
ريگزارن ۾ ٿي رونق علم جا چشما ڦٽا

ڪيترو سرڪش ڪٽي انسان ٿئي هن دور ۾
تنهنجي عظمت کان نہ منهن موڙي سگهيو يا مصطفيٰ

لطف سان تنهنجي ٿين ٿا دور دنيا جا ستم
سر جهڪائي ٿا وڃن سڀ درد و غم جا مرحلا

تو نوازيو نينهن وارن کي نرالي شان سان
بي اجها بي آسرا ٿيا عظمتن کان آشنا

پنهنجي هن "مجروح" تي ڪا مهر جي ڪريو نظر
هي اوهان جي در جو آهي گولڙو يا مصطفيٰ





## نعت

حسن جي سرڪار تنهنجي سونهن تان صدقي وڃان،
شمع تون ۽ مان پتنگ، پروانہ جان صدقي وڃان.

تنهنجي آمد تي سڄڻ بادِ صبا جهومي اٿي،
بلبلون بستان ۾ ٿيون نغمہ خوان، صدقي وڃان.

نورِ انور جي جهلڪ سان ئي ويا شرمائجي،
آسمان ۾ قطب ڪتيون ڪهڪشان، صدقي وڃان.

اي نگاهِ ناز! تنهنجي هڪ نظر جو هي اثر!!
جان جا دشمن ڦري ٿيا مهربان، صدقي وڃان.

"قاب قوسين" آهہ منزل "سرورِ ثقلين" جي،
ٻئي ٻہ هئا، پيو ڪين ڪجهہ هو درميان، صدقي وڃان.

بحر بر جي گوشہ گوشہ ۾ آ پکڙيل سربسر،
اسوهٔ خيرالبشرﷺ جو داستان، صدقي وڃان.

اي سراپائي ڪرم! اي دل جي گلشن جي بهار،
فڪر تنهنجي ۾ فنا ڪون و مڪان، صدقي وڃان.

مرڪ تنهنجي سان مٺا! عرب و عجم مشڪي ڏنو
مرڪ منڙي تان فدا سارو جهان، صدقي وڃان.

يا سندم ديوانگي آ، يا تہ ذوقِ بندگي،
مان تہ گولن جو بہ گولو ٿو ٿيان، صدقي وڃان.



Gul Hayat Institute

وحشتِ جوشِ جنون جو هي تقدّس الله الله!
بتڪده ۾ ٿي بلند حق جي اذان، صدقي وڃان.

مرحبا صد مرحبا، اي انقلابِ زندگي!
ناس ٿي ويو ڪفر جو نام و نشان، صدقي وڃان.

منهنجي سوچ ۾ لوچ ۾ آهي لڪل تنهنجو پيار،
وقتِ پيري ۾ به هي عزمِ جوان، صدقي وڃان.

ڪج ڪميٽي تي نظر روزِ حشر يا مصطفيٰ ﷺ!
هٿ پلي ڪنهنڪي وٺان يا نا وٺان، صدقي وڃان.

سرمئہ نور-نظر آ تنهنجي پيرن جي پٽي،
خاڪ يثرب جي ڪي ڪهڙي ڪٽان، صدقي وڃان.

عشقِ ناموس محمد مصطفيٰ ﷺ ڇا ڇا ڏنو!
هي غزل، زورِ زبان، شيرين بيان، صدقي وڃان.

ذوقِ منزل جي تڙپ ۾ اڄ وري "منصور" آهہ،
تختۂ دار و رسن تي نغمہ خوان، صدقي وڃان.





**ولي سروري**

## نعت

ڇا مجال آهي جو بندو چئي سگهي شان رسول ﷺ
خالقِ هر دو جهان ٿيو خود ثنا خوانِ رسول ﷺ

پاڻ ڇا آهي سندس ڇا مرتبو هوندو جڏهن
تاجدارن کان به افضل آهي دربانِ رسول ﷺ

هي جهان هي ڪائنا آهن طفيلِ مصطفيٰ ﷺ
علم و دانش، حڪمتون آهن هي فرمانِ رسول ﷺ

هر عمل ۾ صاف ظاهر آيتون قرآن جون
۽ خدا جي حڪم جو تفسير دورانِ رسول ﷺ

انبياء هوندا گهڻون دلگير جنهن ميدان ۾
امن ۾ ان ڏينهن به هوندا سڀ فدايانِ رسول ﷺ

يا الاهي پنهنجي عظمت جي مهابي ڪر وري
سرخرو ساري جهان ۾ ڪلمہ گوبانِ رسول ﷺ

جنتي سو جنتي آهي يقيناً جنتي
جنهن جهليو مضبوط محڪم آهي دامانِ رسول ﷺ

ناهہ بلڪل خوف ڪو روزِ جزا جو اي "ولي"
روزِ محشر سرخرو هوندا غلامانِ رسول ﷺ



Gul Hayat Institute

## نعت شريف

محمد ﷺ مصطفيٰ انسان جي عظمت جو نشان آهي
محبّت ۽ سچائي جو حقيقي ترجمان آهي

نہ ان جي خصلتن سان ڪوئي برميچي سگهي هرگز
سندس اخلاق تي نازان زمين و آسمان آهي

مِٽائي جنهن اچي دنيا مان اونداهي جهالت جي
حقيقي رهنما آهي، اميرِ ڪاروان آهي

فروزان ان جي دم سان ٿيا جهان عقبيٰ خدا جو سنهن
خدا جي هن خدائي جو محمد ﷺ رازدان آهي

رسول الله ﷺ جي صدقي فلڪ ۽ فرش ٿيا روشن
زمين جي ذره ذره ۾ سندس نوري نشان آهي

نبي نورِ خدا جو نام عظمت ۽ شناسائي
ازل کان ئي وٺي ڪون و مڪان ۾ تي عيان آهي

فروغ جاوداني آ، عروجِ آسماني آ
رخ ـ مرسل مثل شمس و قمر ۽ ڪهڪشان آهي

سندس سرهاڻ آ مشڪين ۽ رنگت دل نشين آهي
گلستانِ جهان جي لاءِ بهارِ جاودان آهي

وسيلو واٽ رهبر، راهرو آ دم قدم منهنجو
محمد ﷺ مصطفيٰ هر دم سندم وردِ زبان آهي





محمد ﷺ جي غلامن جي غلامي مون قبولي آ
اهوئي آبرو لڄ جو سدائين پاسبان آهي

مديني جي فضائن ڏي رهي ٿو روح جو لاڙو
محمد ﷺ مهربان هر دم سندم روح روان آهي

محمد ﷺ مصطفيٰ تي آسرو انور جو آ هر دم
شفاعت هو ڪندو منهنجي نہ ان ۾ شڪ گمان آهي.



Gul Hayat Institute

استاد بخاري

انت محبوبي

## نعتيه قطعات

شعر جي آهي شروعات، رسولِ عربي،
ڪلڪ جي وات ۾ صلوات، رسولِ عربي،
لامڪان آهي صفا ڪون و مڪان جو صاحب،
عرش ۽ فرش آ محلاتِ رسولِ عربي.

***

جنّت بہ اُها آ، جت تِلندو هوندين!
سي جنّتي جن ساڻ تون ملندو هوندين!
دوزخ جو نري هانءُ تہ پوندو هوندو!
هن ڏانهن نهاري جي تون ڪلندو هوندين!

***

جند پنهنجي جان پنهنجي دلربا توکي چوان،
پر اهي ٻئي بيوفا، ڪيئن بيوفا توکي چوان،
ڪفر ٿيندو خود خدا، يا ٻيو خدا توکي چوان،
مان وڏي ويچار ۾ آهيان تہ ڇا توکي چوان؟

***

وسائيندا وتن گهر گهر مٿان رحمت، ڪڪر تنهنجي،
وندييندو روشني سورج وتي ٿو جهنگ جهر تنهنجي،
هوائون حسن تنهنجي جا هٽن نعرا فضائن ۾،
سڄي دنيا جون سرهاڻيون سڻائن ٿيون خبر تنهنجي.



احمد خان مدهوش

انت محبوبي

## نعت

منهنجا پرين، هِن جا پرين، هُن جا پرين، جڳ جا پرين
يا رحمت اللعلمين، يا رحمت اللعلمين!

تنهنجي ڪري هيءُ جڳ جڙيو آ، بهترين کان بهترين،
عرشِ برين، روئ زمين، ٻئي دل پذير و دل نشين.

آمد ڏسي، باطل جهڪائي تو اڳيان پنهنجي جبين،
هر سوءِ کان آئي صدا، "فتحِ مُبين فتح، مُبين."

ٿيو تنهنجي باعث گردشِ ايّام جو هر اهتمام،
ٿينديون رهيون پر هُون حسين، شامون حسين، راتيون حسين.

نظرون کڻي جنهن ڏي ڏٺئي، نت نوينو تنهن کي ڪيئي
اي راحتِ جان و جگر، اي فرحتِ قلب حزين.

گلشن ٽڙيا، غنچہ کڙيا، گلزار ٿيا، هُبڪار ٿيا،
تنهنجي اچڻ سان وئي وڌي آ رونقِ روئ زمين.

ڪنهن قسم جي عرشِ معظم تي ڪمي ڪائي نہ هُئي،
معراج سان ليڪن عيان ٿي، عظمتِ عرش برين.

تون ئي امام المتقين، تون پيشوائي مُرسيلن،
تون اوّلين، تون آخري، تون هاديءَ دينِ متين.

مدهوش جي پارت اٿئي، پيارا شفيع المذنبين،
مڄ عرض تون عاصي سندو اي جانِ جان، جان آفرين.



Gul Hayat Institute

عبدالقيوم "صائب"

## نعت

خالقِ اڪبر ڪئي، آهه تنهنجي خود ثنا،
زڪر تنهنجو حقّ تي، آهه جاري جا بجاءِ
اي پيارا پيشوا! اي سڳورا رهنما!
يا محمد مصطفيٰ ﷺ، يا محمد مصطفيٰ ﷺ.

تون مزّمل جي صدا، تون مدّثر جي ردا،
تون ئي ياسين جي ادا، تون ئي طٰهٰ جو لقا،
تون ئي قرآن جو سبب، تون ئي نقشِ ڪبريا،
يا محمد مصطفيٰ ﷺ، يا محمد مصطفيٰ ﷺ.

تون شفيع المذنبين، تون اميرالمرسلين،
سار سيني جي لهين، رحمة اللعالمين،
خير سان خيرالبشر، خير سان خيرالوريٰ،
يا محمد مصطفيٰ ﷺ، يا محمد مصطفيٰ ﷺ.

اي حسينن ۾ حسين! اي مٺا! از انگبين،
عشق و مستيءَ جا امين، اي سراپا مهه جبين!
تنهنجي هر هڪ ٿي ادا، آهه دنيا کان جدا،
يا محمد مصطفيٰ ﷺ، يا محمد مصطفيٰ ﷺ.
تون ٿئين دنيا جي لئه، دين و ايمان جو سبب،

عالم و عارف جي لئه، علم و عرفان جو سبب،
تون سچو ۽ حق نما، تون سچو ئي الهدي،
يا محمد مصطفيٰ ﷺ، يا محمد مصطفيٰ ﷺ.

دلگهريو دلدار تون، من گهريو منٺار تون،
پڻ هنئين جو هار تون، ۽ اڙين آڌار تون،
ڪيئن نه ٿئي مون کان ادا، تنهنجي لئي صلِ عليٰ،
يا محمد مصطفيٰ ﷺ، يا محمد مصطفيٰ ﷺ.

تون سين جي لئه شفا، اي ڪ عالم جا اجها!
تنهنجي در تي التجا، ٿا اچن شاهه و گدا،
ڇا چوان تنهنجي سخا، ڇا چوان تنهنجي عطا،
يا محمد مصطفيٰ ﷺ، يا محمد مصطفيٰ ﷺ.

تنهنجي شوڪت بي بدل، تنهنجي عظمت بي بدل،
تنهنجي شفقت بي بدل، تنهنجي رحمت بي بدل،
تو مٿان آهي فدا، پاڻ ذاتِ ڪبريا،
يا محمد مصطفيٰ ﷺ، يا محمد مصطفيٰ ﷺ.

هن زمين و آسمان، ۾ ٿي گونجي بي گمان،
هڪ صداء لامڪان، ڪو ته آهي مدح خوان،
چڙڪ بر عرشِ علا، پو چوي صد مرحبا،
يا محمد مصطفيٰ ﷺ، يا محمد مصطفيٰ ﷺ.

Gul Hayat Institute

## نعتِ رسول ﷺ

مرحبا ختم النبي، خيرالبشر، خيرالوريٰ
ذاتِ بابرڪات مدني، يا ﷴ مصطفيٰ

پيڪرِ خلق و مروّت، ممبعِ جود و سخا
ٿيا يتيمن بي سهارن تي سدا لطف و عطا

اي مٺا محبوب تو، آئي ڪيون عيدون عرب
صد مبارڪ جون صدائون خوب جاري جابجا

هنئين زمانو چئي اٿيو، پيدا ٿيو رب جو حبيب
۽ پڙهيو ٿي عرض وارن، پرت مان صلو علا

اي خدا جا نُور ڪئا، پيدا خدا تنهنجي طفيل
گل شجر، جن و بشر، شمس و قمر، اَرض و سما

شان تنهنجي جو بيان، ڪهڙو ڪري آئون سگهان
شاهه شاهِ انبيا، مهندار محبوبِ_خدا

ظلمتون ڪافور ٿيون ۽ جَهَل ويو نابود ٿي
جابجا دنيا تي پکڙيو تو سندو نور و ضيا

”مرتضيٰ“ ڪي آهي احمد چام ﷺ تنهنجو آسرو
روزِ محشر مهر سان شافع جهان ڪج تون شفا







## نعت

نعت مرسل جي لکڻ ٿو چاهيان،
شرف لفظن کي ڏيڻ ٿو چاهيان.

سير جنّت جو ڪرڻ ٿو چاهيان،
روح کي تسڪين ڏيڻ ٿو چاهيان.

روشنيءَ جو ٿئو جتان جاري سفر،
مان اُها ڌرتي چمڻ ٿو چاهيان.

مان مصوّر ناهيان پر نعت ۾،
رنگ اندلث جا ڇٽڻ ٿو چاهيان.

هر حسين منظر مديني پار جو،
دل دريچن مان ڏسڻ ٿو چاهيان.

خوبصورت شاهراهن تي هلي،
شهر مرسل جو گهمڻ ٿو چاهيان.

ڪيئنءَ ڪبوتر ٿا اڏن روضي اڳيان،
ايءُ هوائن کان پڇڻ ٿو چاهيان.

او! مديني جون هوائون ترسجو!
مان اوهان سان گڏ هلڻ ٿو چاهيان.

با ادب خدمت رسول الله ﷺ ۾،
روبرو حاضر ٿيڻ ٿوچاهيان.



Gul Hayat Institute

سبز گنبذ جي ڪليل ايوان ۾،
شڪر جا سجدا ڏيڻ ٿو چاهيان.

ڪوڙ صلواتون نبيءَ جي نانءَ جي،
ڇانءَ ۾ ويهي پڙهڻ ٿو چاهيان.

آرزو جي اڄ اجهائڻ واسطي،
آب زمزم جو پيئڻ ٿو چاهيان.

نور جو نڪري پوڻ ۽ ڦهلجڻ،
پنهنجي نيڻن سان پسڻ، ٿو چاهيان.

حسرتن جي ذوق ۽ تڪميل لاءِ،
ڪ دعائن جا ڪٽڻ ٿو چاهيان.

ماڻ گهٽئي صحرا ۾ ڀٽڪيو آهيان،
هان گلشن ڏي وڃڻ ٿو چاهيان.

گل عقيدت جا ڪٽي گلدان ۾،
"سوز" نذرانو ڏيڻ ٿو چاهيان.





**نشتر ناٿڻ شاهي**

## نعت

ظهورِ مصطفيٰ گويا ٿي ڪڪ پن لاءِ قرار آيو.
اچانڪ باغ عالم ۾ يقين آور بهار آيو.

ويو ٿي بت پرستي جي زمين تي بت شڪن پيدا،
حرم جي پاسباني لاءِ مرد آ باوقار آيو.

يتيمن جو سهارو بڻجي ميدان ۾ يتيم آيو،
ٿي ڇورن لاءِ سهارو، غم زدن لاءِ غمگسار آيو.

گل و گلزار گلشن ٿي پيو مالهي جي حڪمت سان،
خزائن جي سمي ۾ باغ ۾ حسنِ بهار آيو.

امامن جو امام ۽ انبيا جو رهنما بڻجي،
ٿي فخرِ ڪائنات آيو ۽ عالم جو وقار آيو.

نسيمِ صبح دم آڻي ڏنو پيغام گلشن کي،
چمن جي پاسباني لاءِ مرد آ قربدار آيو.

نظامِ حق پرستي جو علم بردار هي حضرت،
خدا جي بادشاهي جو هلي با اختيار آيو.

جڏهن ٿيو مصطفيٰ ﷺ ناظم سڄي عالم جو اي نشتر،
نظامِ ڪائنات آخر تہ رهجي برقرار آيو.



Gul Hayat Institute

معمور يوسفاڻي

## نعتيه بيت

سائينءَ سقيمن جو سئو جيئن سوال،
عاصين اپوجهن تي باريءَ ڪيو پال،
مڪائين مرسل مصطفيٰ ﷺ، ٿيا نيڻ نهال،
عالم جو آڌار ٿيو آمنه$ جو لال،
جر ڪيس جيئن جمال، سانده ٿيو سوجهرو.

سانده ٿيو سوجهرو، رات رُلي رائي،
آجا ڪل انسان ٿيا، سيد جي سائي،
ورتئون راهه رسول ﷺ جي، ڳائي وڄائي،
احمد ﷺ جي آئي، موڙهن واٽون لڌيون.

موڙهن واٽون لڌيون، رلين ملي راهه،
سکن جا ساٽيهه ۾، سانگين ڪنيا ساهه،
آجا اجڙوال ٿيا، پارس جي پناهه،
گسن ڇانيا گاهه، سراهي سنسار ۾.

سراهي سنسار ۾، آندي احمد ڄام ﷺ،
غريبن جا غم ويا، سَيّدَ سندي سام،
خاصا ڪل خليل ٿيا، آجا ٿيا عام،
نرمل جي نظام، راهن آندي روشني.



انت محبوبي

راهن آئي روشني انڌن لڌا ڏڳ،
مٿي راهه رسول ﷺ جي پهنوارن جا پڳ،
عرفان ۽ ايقان جا سانگين مليا سڳ،
جرڪيا سارا جڳ، نرمل جي نگاهه سان.

نرمل جي نگاهه سان، ڪٽنجي وئي ڪاراڻ،
جهڪي جوت جَهل جي، چوڏس ٿي چانڊاڻ،
عرب، عجم، ايران تي وڄن ڪئي وراڻ،
سائو ڪيو سنسار کي، مينهن جي مانڊاڻ،
سنڌ اندر سرهاڻ، پرينءَ سندي پار جي.

مڪي مديني ملڪ جو پيو راز کلي،
عربي احمد ڄام ﷺ تي آيو ڇٽ جهلي،
حقيقت جو حق جو پيو ڇٽ جهلي،
ڪمالات کلي، ملا مرسل مير ﷺ کي.

مليا مرسل مير ﷺ کان، دنيا کي ڪيئن دان،
صبرِ شڪر ۽ سخا امن ۽ ايمان،
سَيّدَ جانسار تي، اپر ٿيا احسان،
مرسل ﷺ مهربان، عالم ڪل اجاريا.



Gul Hayat Institute

## نعتِ رسولِ مقبول

کندو رهہ دل ۾ پيدا پاڪ احساسات جو جلوو
نظر توکي اچي شايد نبيءَ ﷺ جي ذات جو جلوو

لٽائن پيا هي مَهرو ماه و انجم فلڪ تي بيشڪ
حبيبِ ڪبريا جي حُسن جي خيرات جو جلوو

سندن هڪڙي قدم سان لک شرع جا باب کلندا ويا
خصائل ذات پيغمبر جميع حسنات جو جلوو

خدا ۽ فرشتن پڙهيو حڪم پڻ مومنن کي ٿيو
لٿو محبوبِ سبحانيءَ مٿان صلوات جو جلوو

سجاتو ديدۀ عرفان ٿي آيو مِيم ۾ مخفي
نهان در نورِ احمد ﷺ منزل البَرڪات جو جلوو

بشر سمجهڻ يا مقصودِ بشر سمجهڻ محمد ﷺ کي
اهو عرفانِ انسانيءَ ۾ آ درجات جو جلوو

نہ بينو خاڪ تي نقشِ قدم پٿر ۾ ڪاهي پيو
هي آهي ناطقِ قرآن جي آيات جو جلوو

مڃيو هر حڪم مرسل ﷺ دل سان جن آزاد دنيا ۾
حشر ۾ تن تي هوندو ربّ سندي مرضات جو جلوو.







## نعت

باعثِ خلقِ متين! سؤ سؤ سلام
اوّلين و آخرين! سؤ سؤ سلام

حسنِ يوسف دست بستہ تو اڳيان
او حسينن کان حسين! سؤ سؤ سلام

انبيائي محترم جا پيشوا!
پيشوائي مرسلين! سؤ سؤ سلام

پَرَ سڙن جبرئيل جا جت، اُت وئين
آيت نورِ مبين! سؤ سؤ سلام

ليلة المعراج جو سيني چيو
”عرشِ اعظم جا مڪين! سؤ سؤ سلام“

روضۀ اطهر ڏسي، چوندو ”ضيا“
رحمة اللعالمين! سؤ سؤ سلام.



Gul Hayat Institute

بدر قريشي

انت محبوبي

## نعت

رحمت اللعالمين مون تي بہ رحمت جي نظر،
هڪڙو قطرو ڏئي عنايت اي سخاوت جا بحر.

خالقِ اقليم قل ڪيا تنهنجي تابع بحر و بر،
جنبشِ انگشتِ اوّل ساڻ اڌ اڌ ٿيو قمر.

شافعِ محشر بہ تون ۽ ساقيءِ ڪوثر بہ تون،
تنهنجي رحمت جي هميشہ آهي امت منتظر.

باعثِ تخليق تون ۽ تون ئي ختم الانبيا،
تون ئي اوّل تون ئي آخر آهين قصو مختصر.

خاڪِ مکه جو وڏو اعزاز آ بيت الحرام،
خاڪِ يثرب کي مليا تنهنجي قدم کان بال و پر.

”بدرِ“ خستہ جان پيي اڄ حڪم ڏيو ٿي بارياب،
اي شهہِ دنيا و دين هر دوسرا جا تاجور.



اصغر هالو

انت محبوبي

## نعت

مجتبيٰ تنهنجو لقب ۽ مصطفيٰ تنهنجو قلب
مان پيو هر هر چوان خيرالوريٰ تنهنجو لقب

تو تہ آڱر جي اشاري ساڻ چنڊ ٽُڪرا ڪيو
اي مٺا محبوب سهڻا مهہ لقا تنهنجو لقب

تنهنجي شفقت بي حساب ۽ تنهنجي رحمت بي نظير
منهنجي فنا منهنجو لقب تنهنجي بقا تنهنجو لقب

بارها اُمت جي لائي تو گهري بخشش سدا
يا نبي آخر زمانﷺ بحرِ عطا تنهنجو لقب

روز محشر يا نبي هر هڪ نبي چوندو پيو
رحمت اللعالمين شافع شفا تنهنجو قلب

رحمتون رحمان جون سڀ تنهنجي وس ۾ يا ڪريم
مان چوان ٿو باليقين بعد از خدا تنهنجو لقب

تون خطا وارن جو حامي حشر ۾ هوندين حبيب
سڀ خطا آهي اسان لئي بي خطا تنهنجو لقب

ڪير هو ”اصغر“ جنهن مونکي خواب ۾ ڪلندي چيو
شمعِ اسلام مان منهنجي ضيا تنهنجو لقب

Gul Hayat Institute

## نعت

اسان جو رهنما رهبر، محمد مصطفيٰ ﷺ آهي،
حقيقت ۾ سچائيءَ جو حقيقي پيشوا آهي.

مدينو مرڪزِ اُميد آهي، آرزو آهي،
سموري عالمِ اسلام لئہ جو رهنما آهي.

عجب هلچل ڪشش دل کي ڇڪي ٿي جانب يثرت،
معطّر عنبرين بيشڪ مديني جي فضا آهي.

غلامانِ محمد ﷺ جي غلامن جو غلام آهيان،
سندم آقا ۽ مالڪ مير مدني مجتبيٰ ﷺ آهي.

هتي يا هُت محمد ﷺ جو ئي نالو دائما رهندو،
فنا ساري فنا آهي، بقا ليڪن بقا آهي.

محمد ﷺ کان سوا دنيا ۾ ڪائي چيز ڪانهي ڪا،
سندم وردِ زبان نالو سندس هردم ثنا آهي.

محمد ﷺ سان وفا جو واعدو هر دم نباهيندس،
وفادارِ محمد ﷺ تي سدا راضي خدا آهي.

نفيسِ پُرمسرّت کي زيارت ٿئي محمد ﷺ جي،
اها ”ناشاد“ دل جي آرزو ۽ التجا آهي.





## نعت شريف

محبوب مٽ نہ آهي ڪوئي گلاب تنهنجو
بس لاجواب آهي سهڻا شباب تنهنجو

سج چنڊ ڪتيون ۽ تارا ٿيا شرمنده ويچارا
رخ تان جڏهن لهي ٿو نرمل نقاب تنهنجو

بي موت مونکي مارئي ماري مونکي جيارئي
سمجهڻ کان هي وڌو آ هادي حساب تنهنجو

گهنڊ کول ٻول پيارا ويهہ منهنجي قول پيارا،
هاڻي سهي نہ سگهندس هر هر حجاب تنهنجو

تنهنجي اکين ۾ مستي مست و الست هستي
ڪنهن جي مجال ناهي سهي آب و تاب تنهنجو

خادم جو خيال آهي يوسف جو حسن ڇا هي
ساري دنيا ۾ ناهي جاني جواب تنهنجو

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر در محمّد پٺاڻ

انت محبوبي

## نعت

هن غمن ۾ گوندرن ۾ يا نبيﷺ، تي واهرو،
اغثني سردار سَيّدَ، ڪر اچي تون سرخرو.

مت جڏهن متجي ويا ۽ دوست سڀ ٿيا بي وفا،
ڪيئن ڪريان دشمن اچي ٿيا راهه ۾ اچ روبرو.

نفس پنهنجي آ نهوڙيو يا نبيﷺ مون کي مٺا،
شر شيطان کان بچائج، خير ڪرڪو خوبرو.

آئون پسان تنهنجي پيشاني قرب ڪر ڪمذات تي،
ڪر عنايت عشق جي مون تي مٺاﷺ ڪا ماهرو.

ڪونهي حيلو ۽ وسيلو، تون نبي سردارﷺ آن،
تون رهنما ۽ رازدان، تون پيشوا ۽ پيش رو.



ڊاڪٽر نواز علي شوق

انت محبوبي

## نعت

آ سدا تنهنجو وسيلو يا محمدﷺ مصطفيﷺ
تو سوا ٻيو ڪير منهنجو يا محمدﷺ مصطفيﷺ

مان ڪٿي جنّت گهران ٿو يا محمدﷺ مصطفيﷺ
بس ڀَسايو پنهنجو روضو يا محمدﷺ مصطفيﷺ

ڪوڙ ڪچ مون آ ڪمايو يا محمدﷺ مصطفيﷺ
پر سڄو پاپن سان پيجرو يا محمدﷺ مصطفيﷺ

ڪجھ نہ ٿو ڪونين ۾ مون کي ڪپي توکان سواءِ
ٿئي عطا هڪ عشق تنهنجو يا محمدﷺ مصطفيﷺ

عرض آهي حشر ۾ حامي ٿجو هن ”شوق“ جا
اُت ڪرم پنهنجو ڪجو ڪو يا محمدﷺ مصطفيﷺ



Gul Hayat Institute

# نعت

درودن سلامن جو آواز اج پيو،
محمد ﷺ جي عظمت جو اعجاز اج پيو.

مدينو ۽ مڪو تہ مدحت سرا پر،
مدح خوان آ شيراز اهواز اج پيو.

از آدم تا عيسيٰ، نبين ۾ سيني،
مقام مصطفيٰ ﷺ جو آ ممتاز اج پيو.

ڪروڙين ئي اهڙا مسلمان جنکي،
نبيءَ ﷺ ساڻ نسبت تي آ ناز اج پيو.

اَويس رضي الله عنه و بلال رضي الله عنه اج نہ آهن مگر آ،
محبّت جو بي لوث انداز اج پيو.

مساوات جو درس اهڙو ڏنو جو
هڪ ئي صف ۾ محمود و اياز اج پيو.

محمد ﷺ جي الفت ۾ پوشيده بخشش،
اهو راز اڳ پيو اهو راز اج پيو.

شفيع آ شفاعت ڪندو روزِ محشر،
اچون ڪاش عصيان کان باز اج پيو.

محمد ﷺ جي امت بہ افضل آ احمد،
اهو پڻ اسان لاءِ اعزاز اج پيو.







# مير مرسل ﷺ

محمد ﷺ منو آ سڀين جو سهارو،
سندس رتبو اعليٰ وڏي مان مان وارو.

جڏهن جڳ سڄي ۾ جهالت ڏٺي ٿي،
تڏهن چمڪيو اُڀ ۾ ٿي روشن ستارو.

غريبن جو ساٿي امانت جو صاحب،
سچو هي رسول ﷺ آ ڀلو ۽ ڀلارو.

سڌي واٽ سڀني کي جنهن آ ٻڌائي،
مڙن لاءِ رحمت ٿي آيو سونهارو.

ٻڌايائين ماڻهن کي حڪمِ الاهي،
ڀلو آهي ڇا ۾ ۽ ڇا ۾ خسارو.

ننڍين ۽ وڏن هن تي ايمان آندو،
مڃيو ڪو نہ جنهن سو ابوجهل پارو.

اها آس آهي تون پرور پسائج،
ٿئي تنهنجو ديدار نرمل نظارو.

نبي آخري ﷺ هي اسان لاءِ آيو
اٿوَ توڙ تائين اهوئي ڪنارو.

ڪيا جنهن تي "آزاد" قيدي ۽ ٻانها،
اُهو مير مرسل ﷺ مڙن ۾ موچارو.



Gul Hayat Institute

اسحاق اثر

## نعت

محمد ﷺ باعثِ تخليقِ عالم
محمد ﷺ شاهڪارِ ربِّ اعظم

محمد ﷺ سورهٔ ياسين و طٰهٰ
محمد ﷺ حاصلِ دنيا و عقبيٰ

محمد ﷺ مصدر ايقان و ايمان
محمد ﷺ مظهرِ انوارِ يزدان

محمد ﷺ آبروِي شرفِ آدم
محمد ﷺ رونق بزمِ دو عالم

محمد ﷺ نورِ اوّل جي تجلّي
محمد ﷺ آخري حرفِ تسّلي

نہ مُرسل آهہ ڪو اُن جي برابر
نہ همسر اُنجو آ ڪوئي پيمبر

سراپا رحمت و شفقت جو پيڪر
جهان ۾ سايهٔ اڪبر عليه السلام جلاله

بهارِ جانفزا رنج و الم لءِ
طبيبِ مهربان بيمارِ غم لءِ

شفيع روزِ محشر عاصين جو
مداوا آخرين مايوسين جو



انت محبوبي

ڪٿي قدسي جي مدحت عطر آميز
ڪٿي جامي جو اندازِ دل آويز

ڪٿي سعدي جي تعريف و ستائش
ڪٿي شيرين سُخن خسرو جي ڪاوش

ڪٿي اقبال جو عشقِ رسالت
ڪٿي غالب جو اندازِ خجالت

ڪٿي نعتِ پيمبر ۾ هي فاجر
ڪٿي توصيف احمد ۾ هي آزر

ڪٿي روئ نگارے مهرِ تابان
ڪٿي هي ذرهٔ خاڪِ بيابان

ڪٿي خيرالبشر ﷺ جو شان اعليٰ
ڪٿي هن بندهٔ عاجز جا نالا

حڪايت ماورائ نڪتہ داني
عبارت طالبِ معجز بياني

خداوندا مون گونگي زبان ڏي
مونکي دامانِ احمد ﷺ ۾ امان ڏي

شعورِ نعت پيغمبر ﷺ عطا ڪر
زبانِ بي اثر کي ڪيميا ڪر



Gul Hayat Institute

مائل سروري

## نعتيه ڪافي

محمد ﷺ مصطفيٰ مدني ولهي جي ٿي سگهو واهَر
عجيب عاصن اٻوجهن جي ٿيو هڪدم اچي آڏَر

گهڙيس دنيا جي دريا ۾ ٻڏي توڪل سندو ترهو
اُڪاريو مونکي اَحسان سان نہ سيٽهہ سنڌ ڪو ڦرهو
ڪريو نظر۔ ڪرم سرورﷺ اوهان جي ئي آهيان آڏَر.

سند ئي محبّتَ رهي دل ۾ خسارا ٻيا ختم ڪريو
مَڪين دل ۾ هُجو منهنجي ڏسان آن کي رويو وريو
مٺا محبّت جي مستي جي پرين پُختي ڏيو پاڪَر

هَجان گُم آن جي جَلوَن جي پسڻ ۾ پرين هردم
انهي ڪيفيت ۾ ئي نڪري جسم مان پو پلي هي دم
وجي سپ سانگ سُرهو ٿي مليو مولا ڪان جو مقدر

هِتي هُت پڻ پناري پيو اوهان جي ئي عجيب آهيان
آهيان اَصلئون اوهانجو ئي ڪهين ٻئي جو ڪڏهن ناهيان
پياريو پرت مان پياسي پرين هو آبُ جو ڪوثر

آهيان ”مائل“ مدامي محب سندئي دَرَ تي سدا سوالي
پريو جهولي سنَدم جانب ويو ڪوئي نہ اِتان خالي
آيو عجزئون آهيان عاجز سفارش مون ڪيو پرور





قاضي عبدالحق انصاري تائب

## نعت

محمد ﷺ اسان جو وڏي مانَ وارو
وڏي مانَ وارو وڏي شانَ وارو

رسول خدا آ محمد ﷺ اسان جو
نہ پيدا ٿيو اهڙو ذيشانَ وارو

شرافت، صداقت، ديانت، امانت
سبق جنهن ڏنو آهہ ايمانَ وارو

ٿي لازم اطاعت رسولِ خداﷺ جي
ڪتاب و هدايت و فرمانَ وارو

رسولِ مبين و صف عيسي'چئي آ
مسيحا دلين جو ۽ درمانَ وارو

سخاوت عطا ۾ وسيع القلب پڻ
مدّبر مفّڪر و احسانَ وارو

صلواة و دُرود و سلامِ عقيدت
اُمي ۽ امين آهہ فرقانَ وارو

مٿس ختم آهي نبّوت رسالت
جهانن ٻنهي لاءِ رحمانَ وارو

ٿي تڪميل جنهن تي شريعت جي تائب
نبي پاڪ پيغامبرﷺ آنَ وارو



Gul Hayat Institute

شعبان بخت

انت محبوبي

## نعت

محمد ﷺ حبيبِ خدا الا الا، سچو خاتم الانبيا الا الا
ستارن ۾ جئن ماهتاب آ منّور آ تئن مرسلن ۾ صفا الا الا
ڪرم جو ڪڪر مهر جو مينهن اڻکٽ آ بي انت بحرِ سزا الا الا
آ "نور عليٰ نور" نورِ مجسّم رهي جيڪو سايہ سوا الا الا
عروجِ ثريّا ڪان اوچو اُتاهون آ معراجِ خيرالورايٰ الا الا
ضميرِ خودي ۾ آ توقيرِ هستي محض جوش ادا خوش ادا الا الا
ٿيو شرحِ قرآن ئي اسوه حسنہ ۽ ثابت سخن بي ريا الا الا
بلاشڪ شبهہ آهي ڪعبي جو ڪعبو هو حق آشنا حق نما الا الا
محمد ﷺ محمد ﷺ محمد ﷺ محمد ﷺ سڪون بخش ڪيڏو نہ آ الا الا
جمالِ محمد ﷺ جمالِ خدا آ خدا خود چئي صلّي عليٰ الا الا
ڏٺن ڏئ ۽ هيئن جو حامي ۽ وارث دکايل دلين جي دوا الا الا
اطاعت سندس آ اطاعت خدا جي رضا هن جي ربّ جي رضا الا الا
محمد سان ٿي "بخت" دل جي غلامي وئي بخشجي هر خطا الا الا



پير محي الدين اعجاز

انت محبوبي

## نعت

اوهين ڪا نظر فرمايو، خدارا خاتم الانبياء
خطائون درگذر پايو، خدارا خاتم الانبياء

اوهان جو در، خدا جو در، خدا جو در اوهان جو در
نہ بيگانن کي ٺڪرايو، خدارا خاتم الانبياء

نگاهِ ڪرم سان آقا، ڪريو آسان سڀ مشڪل
اوسيئڙن ۾ نہ اُلجهايو، خدارا خاتم الانبياء

گناهن جي سياهي ڪان، سڄي دامن سياهہ آهي
اُجاريون ڪيئن سو سمجهايو، خدارا خاتم الانبياء

نڪارن، ناقصن جي هٿ، اوهان ريءَ ڪا پيوا ڪانهي
اوهين سڏ تن جا اُونايو، خدارا خاتم الانبياء

نڪي زر، مال گهرجيسون، نڪا ناداري گهرجيسون
ٻنهي ذلتن ڪان ڇڏرايو، خدارا خاتم الانبياء

اَمَّا السَّآئِلَ فَلَا تَنۡهَرۡ، ڪَيُوَ هي قول قرآني
نہ هن سائل تي ڏرمايو، خدارا خاتم الانبياء

اوهين موليٰ، اوهين ملجا، اوهين مختيار ڪل آهيو
اوهين "اعجاز" برسايو، خدارا خاتم الانبياء

Gul Hayat Institute

**ملازم سروري**

## نعت

قدم قدم بي قرار آهي اجان ٿيو ڪامياب ناهي
سڪونِ منزل جي اعتمادي بخوب آهي خراب ناهي

ٻڌي ثنا مختصر مسلسل چون مرحبا ٿا عرش وارا
چڱو ٿيو جو زبان تي منهنجي ٻيو ڪو چنگ و رباب ناهي

تمام نظرِ ڪرم سان تنهنجي ٿي جلوگر ڪائنات بيشڪ
ٿيا ڪيئي فيضياب هوندا اهو ته هڪ آفتاب ناهي

بهاري باغِ وطن ۾ شايد شريڪ شايانِ شان ٿيندي
”ڪلي ڪلي ۾ سرور آهي نزاڪتن جو جواب ناهي“

نگاهِ شفقت سان مئي محبّت جو پر پيالو پيار ساقي
جو آب ڪوثر ڪان آهي بهتر ڪٿي به اهڙو شراب ناهي

پلي ڪري سنج سونا سهڻا سنواري پنهنجي صلاحيت کي
حمارِ عيسيٰ جو پيش رفرف ذري برابر به تاب ناهي

حبيبِ ربّ العليٰ جو همسر هجي ته ثابت ڪري ٻڌايو
زبان تي جنّ و بشر جي بلڪل سوال هن جو جواب ناهي

صحيح معنيٰ ۾ ڏس ”ملازم“ عجيب صورت جي انتها کي
حبابِ رخ تان نقاب لاهي پو ڪير چوندو ته آب ناهي





**منور هالائي**

## نعت

مرحبا شمس الضحيٰ بدرالدجيٰ خوش آمديد،
مرحبا نورالهديٰ ڪهف الوريٰ خوش آمديد.

مرحبا اي مظهرِ نورِ خدا خوش آمديد،
مرحبا اي صاحبِ جود و سخا خوش آمديد.

تنهن جي آمد باعثِ تخليق آ هر دوجهان،
ٿا سڏيئي توکي چون مرسل مناﷺ خوش آمديد.

شاهِ يثرب ڪير تنهن جي همسري سگهندو ڪري،
تون امام الانبيا اي مصطفيٰﷺ خوش آمديد.

نعرهٔ توحيد جو تو ئي ڏنو سهڻو سبق،
خلق عظميٰ جا شهنشاهه مرحبا خوش آمديد.

ڇا ڪري سگهندي ثنا انسان عاجز جي زبان،
ڪئي جڏهن قرآن ۾ تنهن جي خدا خوش آمديد.

تون سراپا نور آهين ابنِ آدم جو فخر،
مرحبا اي شافعِ روزِ جزا خوش آمديد.

مصطفيٰ مرسل ”منّور“ جا قبولج تون سلام،
صدقِ دل سان ٿو چوان صلّي عليٰ خوش آمديد.



Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر قمر لغاري

## نعت

الهہ آسون اگھائيندو ٻُڌي منهنجي پُڪارن کي،
حياتي ۾ ڏسان هيڪر مديني جي منارن کي.

نبيﷺ جو نور ٿيو روشن، ڪيو صحرا کي جنهن گلشن!
ڪيان ديدار ۽ درشن، ڏسان تن گلعذران کي.

مٺي مرسلﷺ ڪيو جت پاڪ پيرن ساڻ هو پنڌڙو،
وندر ووڙي ڏسان هيڪر انهن جبلن ۽ غارن کي.

پڙهي لبّيڪ کي هر هر، ٿيان حُجّاج سان حاضر،
مديني جا ڏسان ڏونگر، ڪجين، باغن بهارن کي.

صلاتون لک مٺي سرورﷺ، پڙهو اي مومنو! هر هر،
هٽائيندو پري پرور مٽن من جي مونجهارن کي.

آهين -سبحانه وتعالیٰ! تون ڪافي، مهابي مصطفيﷺ شافي،
ڏجان محشر اندر معافي، خدايا! عيبدارن کي.

اسين جهڙا بہ آهيون تہ بہ آهيون امّت محمد ﷺ جي!
ڇڏيندو ڪين هو هرگز ڪنن، ڪوجهن ۽ ڪارن کي.

محمد ﷺ جي شفاعت جو "قمر" کي آسرو آهي،
يقيناً پاڻ بخشائيندو پنهنجن گنهگارن کي.





غلام رسول راز سروري

## نعت

نبيﷺ کان پوءِ نبي اي دل نہ ٿيو آهي نہ ٿي سگهندو،
مثال اهڙو ملي مشڪل نہ ٿيو آهي نہ ٿي سگهندو.

چا صورت ۾ چا سيرت ۾ چا شفقت ۾ چا عظمت ۾،
"پيمبرﷺ جهڙو پيو ڪامل نہ ٿيو آهي نہ ٿي سگهندو."

سندن تدريس انسانن جي لئہ اصلاح ٿي، اهڙو
يقيناً عاقل و عامل نہ ٿيو آهي نہ ٿي سگهندو.

نبيﷺ وانگر امين اهڙو خليق اهڙو شفيق اهڙو
ڪري حسرت ڇيو باطل نہ ٿيو آهي نہ ٿي سگهندو.

علمبردار ٿي اسلام ۽ انصاف جو آيا،
جهان ۾ اهڙو ڪو عادل نہ ٿيو آهي نہ ٿي سگهندو.

نہ محبوبِ خداﷺ کان پو نبي ايندو زماني ۾،
ٿي رهہ ان ڳالهہ جو قائل نہ ٿيو آهي نہ ٿي سگهندو.

پيامِ حقّ کان پو ڪو بہ مومن تو ڏي اي باطل!
مجال آهي ٿيئي مائل نہ ٿيو آهي نہ ٿي سگهندو.

رکيو جن عشق عربي جامﷺ سان اي "راز" تن مان ڪو،
نبيﷺ جي ياد کان غافل نہ ٿيو اهي نہ ٿي سگهندو.

Gul Hayat Institute

## نعت

هر دو سرا جي شاهِ يثرب کي عطا ٿي سروري
راهِ نما بڻجي ڪرڻ آيو جهان جي رهبري

سر تاج طٰهٰ جو ڍڪي ياسين جو خرقہ وجهي
نور اعليٰ نوراً سندي پوشاڪ پائي انوري

آ صاحبِ حسنت جميع ڪهف الوريٰ ڪشف الدجيٰ
صلّو عليٰ جنهن تي پڙهن جنّ و ملڪ حور و پري

”لُوْلاَكَ لَمَا خَلَقْتِ اَلاَفِلاَكَ“ جو اعليٰ لقب
ڪنهن کي نہ حاصل ٿي سگهيو ايڏو ڪمال ۽ برتري

ربّ آهہ ربّ العالمين هي رحمت العالمين ﷺ
نورِ ازل جي شان ۾ اذنِ شفا خلعت سري

اوڏو ويو انوارِ حق جي تاب کي جنهن تاب ڪان
”مدهوش موسيٰ ٿي ويو پيو طور جو ڏونگر ڏري“

سُڻ ”نوازا“ تون گنهگار آهين پيو صلواة پڙهہ
صلّوعليٰ جو ورد تنهن جي لاءِ آهي بهتري.







## نعت

توتي ختم المرسلين سؤ سؤ سلام
اي امام المتقين سؤ سؤ سلام

ڪين پهچي جت سگهيا انبياء ڪرام
اُت وڃين پهتين پرين سؤ سؤ سلام

تون ٿئين عليه السلام سان خود هم ڪلام
عرش اعظم جا مڪين سؤ سؤ سلام

تنهنجي باعث گردش ۾ صبح و شام
ماهہ و انجم جا امين سؤ سؤ سلام

علم و حڪمت هو ٿيو توتي تمام
عالمِ دينِ مبين سؤ سؤ سلام

تنهنجي سيرت جا مدح خوان خاص و عام
آسمان توڙي زمين سؤ سؤ سلام

صاحبِ جود و سخا شافع مدام
اي شفيع المذنبين ﷺ سؤ سؤ سلام

آهہ ”شوڪت“ دائما تنهنجو غلام
مير مرسل ﷺ مهجبين سؤ سؤ سلام.



Gul Hayat Institute

"ارشد" هالائي

انت
محبوبي

## نعت

بلبل سندي زبان تي، منڙو آ نام تنهنجو.
ڪُوڪُوڪندي ڪري ٿي، ڪوئل ڪلام تنهنجو.

چيها چٽُون چون ٿا، صاحب سلام تنهنجو
هڪوار ڪين ليڪن، دائم مدام تنهنجو.

ياسين وَالّضحيٰ ۾ تعريف تنهنجي طٰهٰ،
ڪوثر سندو تون والي، ڪوثر جو جام تنهنجو.

جنّ و بشر ملائڪ، حورون پريون پرندا،
صلّي عليٰ چئي سڀ، ڪن ٿا سلام تنهنجو.

تنهنجو نہ جوڙ جاني، موسيٰ، خليل، عيسيٰ،
نبين سڀن ۾ عربيﷺ، عالي مقام تنهنجو.

تعريف ڪيئن بيان ٿئي، تنهنجي ڀلا بشر کان!
پروردگار خود ڪيو آ احترام تنهنجو.

مومن مٿان تون آهين، رئوف و رحيم سائين!
عليہ السلام آهہ احسان، اُمّت تي عام تنهنجو.

وقتِ نزع هجي شل صلي عليٰ زبان تي،
ان پَر لڏي هتان هي، "ارشد" غلام تنهنجو.



نُور شاهين

انت
محبوبي

## نعت

مسڪين ۽ يتيم جي ثروت نبي ڪريم
بيواهہ زندگين جي سطوت نبي ڪريم
قانونِ حق جي آهين حڪومت نبي ڪريم
ارض و سما مجاز حقيقت نبي ڪريم

سردار سچ جو آهين ٻيو ڪاهہ جوڙ ڪُوڙ
تو کان سواءِ جهان سڄو منهنجي ڪاڻ ڏوڙ

انساني عظمتن جي تون رفعت نبي ڪريم
شاهن جو شان آهين ۽ عظمت نبي ڪريم
جهانگين جي جهوپڙين جي بہ دولت نبي ڪريم
سر تا بہ پير آهين شفاعت نبي ڪريم

رحمت ۾ پيش تون پسِ رحمت بہ تون ئي تون
محشر ۾ عاصين جي ضمانت بہ تون ئي تون

هر دم هو تنهنجو ربّ جي قرآن جو پيام
واجٽ ڪري وڳو جو گلي ڪوچہ گام گام
تون هڪ خدا جو ساري خدائي سندءِ غلام
جنّ و ملڪ ۽ انس پڙهن توتي ٿا سلام

توتي ازل کان اڳ ۾ نبوت وڌي ڪمند
ايڏو بلند پهتين هو جيڏو خدا بلند



Gul Hayat Institute

انت محبوبي

توکان سوا نہ دين هجي ها نہ کو جهان
دنيا ۾ کا نہ کنهن کي ملي ها کٿي امان
بندو تہ چا کنهين جو ملي ها نہ کو نشان
تنهنجي اچڻ سان مٽجي ويا وهم شڪ گمان

تون پيار منهنجو منهنجي محبّت نبي ڪريم ﷺ
ﷻ عليه السلام جي بہ تون ئي ضرورت نبي ڪريم ﷺ.



انت محبوبي

## ثريا سوز ڏيپلائي

## نعت

رسول عليه السلام ﷺ جي روضي جو ڪريان ديدار پاڳن سان،
محمدﷺ مصطفيٰ ﷺ آهي، سندم آڌار پاڳن سان.

گناهن منجهہ گهاري آهہ، دلين ۾ سرمشاري آهہ،
اکين مان آب جاري آهہ، شر جو خوف طاري آهہ.
زبان تي هاٽي زاري آهہ، گهو لهہ سار پاڳن سان،
محمدﷺ مصطفيٰ ﷺ آهي، سندم آڌار پاڳن سان.

جهان جو آسرو آهين، صدين جا سُور تون لاهين،
خدا جو تون حبيب آهين، ٿين سڀ سهنج جي چاهين،
سندم سردار تون آهين، مٺا مهندار پاڳن سان،
محمدﷺ مصطفيٰ ﷺ آهي، سندم آڌار پاڳن سان.

سندم هيءَ جهول خالي آهہ، تنهنجي در تي سوالي آهہ،
اوهان جو شان عالي آهہ، منهنجي برباد حالي آهہ.
محمدﷺ مير ﷺ والي آهہ، سچو سردار پاڳن سان،
محمدﷺ مصطفيٰ ﷺ آهي، سندم آڌار پاڳن سان.



Gul Hayat Institute

## نعت

تڪميلِ معرفت آ محبّت رسول ﷺ جي
ايمان ٿيو اسان جو اطاعت رسول ﷺ جي

ڇا ڇا بيان مان ڪريان رفعت رسول ﷺ جي
زيرِ قدم آ عرش هي عظمت رسول ﷺ جي

قائل نہ ڪيئن ٿيان مان نبيءَ ﷺ جي حيات جي
هر دور لاءِ آهي رسالت رسول ﷺ جي

ٿيا مقتدي نبي سيئي معراج کي ڏسي
واهہ واهہ شان جي ٿي امامت رسول ﷺ جي

مان ڇا چوان تہ آهي بشر نور پڻ نبي
اللہ ﷻ کي خبر آ حقيقت رسول ﷺ جي

لاريب بي نظير آ اسوة رسول ﷺ جي
ڇا بي مثال آهي ٿي سيرت رسول ﷺ جي

هن وقت هر بشر کي سڪون جي تلاش آ
آ باعثِ سڪون اطاعت رسول ﷺ جي

هن ڪان سواءِ ناهہ بدي جو علاج ”ناز“
نافذ ڪجي جهان ۾ شريعت رسول ﷺ جي





## نعت

اُٿم آس روضي جي زيارت ڪريان،
محمد ﷺ جي در تي وڃي سر ڌريان.

آ هيڻن جو حامي يتيمن جو يار،
ٻڌي بيوسن جي سدائين پڪار،
مان جنهن جي محبّت جو ٿي دم ڀريان.

اسان لاءِ جنهن آندو هي دينِ حق،
ڪڪر ٿيو ڪرم جو اُفق تان اُفق،
محبّت ٿي جنهن جي پڪاري پريان.

آ اُمت جي بخشش جو ضامن رسول ﷺ،
”سحر“ شل ڪري اُمّتين ۾ قبول،
ثنا ري سندس بي نہ ٻولي ٻريان.

اُٿم آس روضي جي زيارت ڪريان.



Gul Hayat Institute

نسرين نوري

انت
محبوبي

## نعت

محمد ﷺ تون نبين جو سردار مرسل
تون شاهن جو شاهه آهين شهوار مرسل

رُخ نور جڙ آهي ماهه منّور
ٿيا غيرتِ شمس رخسارِ مرسل

تنهنجا عنبرين وار والليل ڪارا
تون هر دوسرا جو به سردار مرسل

نبيﷺ نور ۽ خاتم الانبيا تون
تون محبوب حق جو ۽ دلدار مرسل

ڦري پيو نگاهن ۾ طيبه جو منظر
اکين اُڃ اُجهائج اکين ٺار مرسل

ڪرم پنهنجو ڪر هاڻي جلدي گهرائي
محبّت ۾ دل آهي سرشار مرسل

رهان تنهنجي قدمن جي مان خاڪ بنجي
پسايو ڪو جلوو اي مهندار مرسل

ڪريمي جو صدقو مونکي ڪجهه عطا ٿئي
اٿم جهولي خالي اي سرڪار مرسل

وسيلو ٿي تون بي وسيلن جو هاڻي
مون غمگين جو تون ئي غمخوار مرسل

خطائون گنهگار جون بخش ڪر تون
اٿم صرف عيبن جا انبار مرسل



حبيب الله صدّيقي

انت
محبوبي

## نعت

خوشا اي دل جهان ۾ اڄ حبيبِ ڪبريا آيو
محمد مصطفيٰﷺ نورِ خدا صلّي عليٰ آيو

ڪيو احسان آگي آ بني آدم مٿان بيشڪ
هدايت ۽ شفاعت لاءِ ڪامل رهنما آيو

اسان عاصي اسيرن ۽ اپوجهن جي نصيبن ۾
شفيع المذنبين دافع بلا خيرالوريٰ آيو

نمونو آدميّت جو خزينو رحمتِ موليٰ
جهانِ عظمتِ شب ۾ قرينو جا بجا آيو

عروج آدمي آهي اطاعت پاڪ مرسلﷺ جي
ٿيو عرفانِ حق حاصل جو هادي دل صفا آيو

محبّت جو نه حق مون کان ادا ٿي ٿو سگهي ليڪن
پڙهان صلواة ٿو جنهن وقت نامِ مصطفيٰﷺ آيو

شفاعت تي سندس آ ناز مون جهڙن حقيرن کي
ڏسي مون کي چيو مرسلﷺ مدح گو برملا آيو

ڪري مان ڇا سگهان ساراهه معراجِ رسالت جي
ڏنو جنهن خود خدا کي سونبي نورِ خدا آيو

گناهن ۾ گتل آهيان "حبيبا" پيش ڪيئن ٿيندس
حضورِ پاڪ جي اڳيان جڏهن روزِ جزا آيو



Gul Hayat Institute

منهن مبارڪ آ اوهان جو ماهہ و اختر ڪان وڌيڪ
ڪين آ ثاني جهان ۾، منهن جي دلبر ڪان وڌيڪ

هت زليخان هئي تہ عاشق، هت جهان آ مدح خوان
ڪين ٿي سگهندو تہ يوسف، منهن جي سرور ڪان وڌيڪ

تنهن جي محفل جي بهاري، ساقيا سڀ هيچ آ
ڪين ايندو لطف مون کي، جامِ ڪوثر ڪان وڌيڪ

جنهن ڪئي در تنهن گدائي، دَمَ ۾ سلطان ٿي ويو
محلِ ڪسريٰ ڪين آ، محبوب جي گهر ڪان وڌيڪ

جنهن جي شانِ رهبري ۾، جبرئيل امين' رهبر رهيو
ٻيو دنيا ۾ ناهہ ”رجائي“ منهن جي رهبر ڪان وڌيڪ.





## شانِ قدسي

چٽ جهلايو زمان تي دلبر نبي،
سو معظّم مزّمل منّور نبي.

جنهن جي تڪريم بلغ العليٰ ٿي وئي،
رات هڪڙي ۾ بس انتهائي ٿي وئي،
”ميتريا“ جي ڪري هت شفا ٿي وئي،
يعني توبهہ سَهَل، برملا ٿي وئي،
چو تہ ماڻي ويو شانِ ڪوثر نبي،
سو معظّم مزّمل منّور نبي.

چنڊ آهي عرب جي بيابان جو
شان اهي، اِجهو آل عمران جو
نڪتو سينا ڪان، محمود فاران جو
شان بالا ٿيو نيٺ انسان جو
آهي وَلسُوفَ يُعطِيكَ صفدر نبي،
سو معظّم، مزّمل، منّور نبي.

آهہ شمسُ الضّحيٰ هاشمي مصطفيٰﷺ،
مجتبيٰ، مرتضيٰ يعني بدرالدجيٰ،
سو امام الرسل، خاتم الانبيا،
۽ حجازي، مڪي، مير خيرالوريٰ،
لاٿا دنيا تان ڏک، درد، گوندر نبي،
سو معظّم، مزّمل، منّور نبي.



Gul Hayat Institute

## نعت

مان توکي حق پرست ۾ ٿو حقيقت آشنا سمجهان
حبيبِ ڪبرياﷺ مان ٿو جهان جو دلربا سمجهان

سوا لک انبيائن تي ڪئي تو شهنشاهي آ
جهان جي ابتدا سمجهان! عروجِ انتها سمجهان

بشر جي شڪل ۾ بيشڪ هلي خيرالبشرﷺ آئين
حقيقت جو ٿو سمجهان نور ۾ نورِ خدا سمجهان

چراغِ حق پرستي ساڻ دنيا ٿي وئي روشن
شبِ بلدا جو ٿو توکي مگر شمس الضّحيٰ سمجهان

ڪليم عليه السلام ڪوئي ۾ ٿو ڪوئي روح عليه السلام سمجهي
فقط توکي حبيب عليه السلام ٿو بس مصطفيٰﷺ سمجهان

سوا لک انبيا آيا، سندءِ اعزاز جي خاطر
ٿو توکي رهنما سمجهان مان شاهِ انبياءَ سمجهان

خدا جو تون خدا تنهنجو رهيو ٿي رازدان هردم
سندءِ جا آ رضا سائي خدا جي ٿو رضا سمجهان

گنهگارن جي آهين تون نجات اي هاديءِ محسن
ٻيو ڪو شافعِ محشر نٿو تنهنجي سوا سمجهان

خدا جو ٻانهو ۾ ”عبدالنبي“ ٻي آهيان همدم
وڏي اعزاز وارو توکي ٿو بعد از خدا سمجهان.





## نعت

محمد مصطفيٰﷺ کي ٿي عطا اهڙي نبوت آهہ،
رسالت مآب تي ئي ختم ٿي ويئي رسالت آهہ.

بشر جي روپ ۾ پيداڪري محبوب پنهنجي کي،
ڪئي ڪيڏي نہ اي انسان خدا توتي عنايت آهہ.

خوشي جا گيت ڳائن ٿا ملڪ جنّ و بشر هرجا،
جو محبوبِ خدا جو خاص اڄ يومِ ولادت آهہ.

ولادت باسعادت ساڻ هي آواز آيو ٿي،
تہ اي محبوب مدنيﷺ ختم ٿي توتي رسالت آهہ.

حبيبِ ڪبرياﷺ پارت اٿوَ عاصين جي هر دم جو
اوهان کي ئي عطا موليٰ ڪيو اذنِ شفاعت آهہ.

چيو ٿي انبياء سوئي سهارو آهہ عاصين جو
ڪئي اقصيٰ جي مسجد ۾ اسان جي جنهن امامت آهہ.

خوشي هن عيد جي ڪر سال سارو سرخرو رهندين،
محمد جي غلامن کي ملي اهڙي بشارت آهہ.

حبيبن جي ولادت جي خبر ٿي هو هوا هڪدم،
چيو هر ڪنهن تہ اڄ کان ختم ٿيو دورِ جهالت آهہ.

وڃن ٿيون فرش کان نوراني لاٿون عرش تي ”بيڪس“
جو عبداللهرضي الله عنه وٽ روشن ٿيو نورِ هدايت آهہ.



Gul Hayat Institute

**يوسف حفيظي**

انت محبوبي

## نعت

پاڪ پيارا مير محمد ﷺ
سائين سونهارا مير محمد ﷺ

سڪ ۾ اوهان جي روز روئان ٿو
جيءَ جا جيارا مير محمد ﷺ

راحت دل کي ڪا نہ ڪا آهي
سائين پلارا مير محمد ﷺ

پنهنجي اڱڻ تي جلدي گهرايو
سهڻا سچارا مير محمد ﷺ

مونکي پسايو منهنجا سائين
پنهنجا منارا مير محمد ﷺ

تنهنجو حفيظي توکي ستائي
رحمت وارا مير محمد ﷺ



**ناز هالائي**

انت محبوبي

## نعت

سڄي سنسار جو سرور سڄڻ سردار مرسل ﷺ آ
دلِ مومن سندو محور مٺو منٺار مرسل آ

نبي آخر زمان آهي، جمالِ دو جهان آهي
اهوئي شافعِ محشر، اڙين آڌار مرسل آ.

ملي محبوب کي منزل، مٿي معراج تي افضل
انهيءَ اعزاز جو افسر علمبردار مرسل آ

ڪٺل دل جو قرار آهي، اسان لئي افتخار آهي
حقيقي پيار جو پرور، اکين جو ٺار مرسل آ

ڪيون قربان سهسين سر انهيءَ هاديءَ مٿان هر هر
دکويل دل سندو دلبر، رخِ انوار مرسل آ

نہ ڪوئي جنهن سان آ همسر، اهو آ ساقيِء ڪوثر
سخي سرور گنج گوهر ۽ گوهر بار مرسل آ

سڄي جڳ ۾ سندس جوهر، نديون نهرون مها ساگر
ثناخوان جنهن جا بر ۽ تر، اهو دلدار مرسل آ

نوازيا ناز پرور ناز جهڙا نيهن جا نوڪر
پيارو پاڪ پيغمبر نبي ﷺ نروار مرسل ﷺ آ

Gul Hayat Institute

## نعت

اسان جو جان ۽ جانان محمد آ محمد آ
اسان جو دين ۽ ايمان محمد آ محمد آ

اسان کي فخر آ پنهنجي وڏي هن خوشنصيبي تي
مليو شاهِ شهنشاهان محمد آ محمد آ

سوا لک انبياء اڳ ۾ پيي عظيم المرتبت آيا
مگر سڀني سندو سلطان محمد آ محمد آ

الوهيت کي بي حد ناز آ پنهنجي نبوت جو
سو منظورِ نظر يزدان محمد آ محمد آ

ڪليم عليه السلام ڪئي گفتار ڪوهِ طور سينا تي
مگر ربّ جو ٿيو مهمان محمد آ محمد آ

چريو هڪڙيءَ زليخا کي ڪيو هو ماهہ ڪنعاني
هزارن کي ڪيو حيران محمد آ محمد آ

حقيقي عشق وارن جو نہ ٻيو ڪوئي علاج آهي
انهن جي درد جو درمان محمد آ محمد آ

قيامت ۾ اهي غمگين ٿيندا ڪينڪي هرگز
جنين جو دست در دامان محمد آ محمد آ





انت محبوبي

## نعت

مهابي تنهنجي ٿيا پيدا زمين و آسمان وارا
هتي هر چيز ٿي پيدا فلڪ تي چنڊ سج تارا

ثنا ڪئي تنهنجي ربّ آهي سخي قرآن ساري ۾
انهيءَ کان وڌ ثنا هرگز لکي سگهندا نہ مون پارا

سڄڻ رحمت اوهان جي جو وهي دريا سدائين پيو
مهابي مير مرسل ﷺ تو ڇٽل هنِ امّتي سارا

اسين غلطان عيبن ۾ اوهان جو آسرو آهي
شفا ريءَ مير مدني ﷺ تو نہ آهن ٻيا رهيا چارا

سڄهن ٿا لک ڏکيا ڏاڍا لحد سڪرات جا سرور
ڇڏائيندين اچي رهبر اتي هي ڪوجهڙا ڪارا

ملڪ جنّ و بشر حورون پڙهن صلوات سيّدَ ﷺ تي
اهوئي ورد آ پنهنجو لهن ٿا من جا مونجهارا

سڄي مخلوق جو مرسل نبي آخر زمان ﷺ آهين
خدائيءَ ۾ خدا کي بس اوهان ئي آهيو پيارا

جهانن لاءِ آهين تون هميشہ ابرِ رحمت ٿيو
ڪندين "تبريز" تي پنهنجي سدائين ٻاجھ ٻاجهارا.



Gul Hayat Institute

## گوهر سروري

# نعت

يا نبي المصطفيٰ ﷺ　مهندار تو جهڙو نہ ٻيو
سرور سچو عالم سندو　سردار تو جهڙو نہ ٻيو

درس آ توحيد جو　انسان کي توئي ڏنو
اسلام جو بيشڪ علم　بردار تو جهڙو نہ ٻيو

تون اوّل و آخر نبي　۽ ظاهر و باطن نبي
خود خدا جو محب ۽　مختيار تو جهڙو نہ ٻيو

مدح تنهنجي مصطفيٰ ﷺ　دافع رنج و بلا
روح زمين ۽ آسمان　نروار تو جهڙو نہ ٻيو

خود خدا قرآن ۾　نازل ڪيو توتي درود
تون خدا جو دادلو　دلدار تو جهڙو نہ ٻيو

تون حسين بيحد حسين　ثاني نہ تنهنجو ڪو ٻيو
ڇا صفت تنهنجي ڪيان　سينگار تو جهڙو نہ ٻيو

امّتي عاصين سندا　۽ بيڪسن جا پرجهلا
روزِ محشر ۾ اَجهو　آڌار تو جهڙو نہ ٻيو

تون ضعيفن جو بہ ضامن　۽ ڇورڙن جو پيي ڇپر
تون غريبن ۽ يتيمن　يار تو جهڙو نہ ٻيو

مصطفيٰ مرسل ﷺ منا　تو در گهري گوهر دعا
روزِ محشر ۾ سندم　غمخوار تو جهڙو نہ ٻيو



## مسڪين سروري

# نعت

اي خدا جا دادلا دلدار دلبر يانبي ﷺ
سونهن سيرت ۾ سين ڪان سرس سرور يانبي ﷺ

جام ڄاپڻ ساڻ تنهنجي موج ٿي وئي ملڪ ۾
ڏور ڏيهن مان ڏکر ٿيا عيد گهر گهر يانبي ﷺ

عرش تي مولا گهرايو گهوٽ توکي گهر ڪري
همقدم ٻيو ڪير ٿيندو توسان همسر يانبي ﷺ

توکان اڳ ساري جهان ۾ هو انڌيرو جابجا
تنهنجي آمد ساڻ عالم ٿيو منّور يانبي ﷺ

تاب تنهنجي ساڻ تائب ٿيا ڪتيون چنڊ ڪهڪشان
ڪو نہ ڀَر تو ڪيو ڪيڏانهن شمس اظهر يانبي ﷺ

فيض تنهنجي ساڻ پوري ٿئي سندم اميد هي
شل ڏسان اکين سان هيڪر روضو اطهر يانبي ﷺ

تو سوا ٻي واهہ ڪائي ناهہ مون مسڪين جي
درد مندن جو سندءِ آ دادگر در يانبي ﷺ

Gul Hayat Institute

عاجز سروري

انت محبوبي

## نعت

ڪٽي پيغام پرور جو محمدؐ ميرﷺ آيو آ
غريبن جي تہ بڻجي سو سڄڻ تقدير آيو آ

ويا سپ لڙ لهي يارو نہ ايندو غم غريبن ڏي
ڏٺا ها خواب جن اڳ ۾ تنين تعبير آيو آ

چوان ڇا تنهنجي محبّت لئي نہ ڪاٿو جنهن سندو آهي
پراون لئہ ۽ پنهنجن لئہ هو شهد و شير آيو آ

ويو معراج تي مرسلﷺ مبارڪ ڏئي ڇيو ملڪن
خدا يا هو سندي مهمان مرسل ميرﷺ آيو آ

مبارڪ هي ملي هر سو ربيع اوّل جي ٻارهين تي
نبي آخر زمان مدنيﷺ منو مهمير آيو آ

نہ ڪر ڪو يار غم هاڻي ادا عاجز تون محشر جو
ڪنن ڪوجهن اٻوجهن جو تہ وارث وير آيو آ.



عبد سروري

انت محبوبي

## نعت

خدا جو هُو دلبر ٿيو دلدار عربي
يتيمن سندو يار غمخوار عربي

منادي ٻڌم ڪوٽ ڪسريٰ جا ڪرندي
”جهان ۾ ٿيو آهي اظهار عربي“

ويا هو صنم خانا ويران ٿي هڪدم
جنهين ويل نڪري ٿيو نروار عربي

نہ صورت ۽ سيرت سندو ڪو بہ ثاني
هو خلوت ۽ جلوت جو سينگار عربي

چوان خوب قسمت انهي ڪاروان جي
ٿيو جنهن سندو آهي سالار عربي

هو رحمت ٿي آيو سڀن لئي جهان ۾
رسايو ڪنهين کي نہ آزار عربي

هلي هي جهان پيو اميدن تي گويا
ٿيندو عبد تنهنجو بہ آذار عربيﷺ

Gul Hayat Institute

مظهر ڏاهري

انت محبوبي

## نعت

دردمندن جا دلارا يا محمد مصطفيٰ ﷺ
ٻن جهانن جا سهارا يا محمد مصطفيٰ ﷺ

ڪر عطا توفيق جو مان تنهن جي جلوون کي پسان
سڻ صدا اي عرب وارا يا محمد مصطفيٰ ﷺ

رحمة اللعالمين تون شافعِ روزِ جزا
پاڪ پرور جا پيارا يا محمد مصطفيٰ ﷺ

شافعِ محشر بہ تون ۽ ساقيء ڪوثر بہ تون
ڪل نبين تي قرارا يا محمد مصطفيٰ ﷺ

تون يتيمن يار ۽ ضامن ضعيفن جو بہ تون
بيڪسن جا جيءَ جيارا يا محمد مصطفيٰ ﷺ

تون ئي محبوبِ خدا ۽ تون امام المرسلين
بي سهارن جا سهارا يا محمد مصطفيٰ ﷺ

مهر ڪر "مظهر" تي ڪوجهن ڪارڻن جا ڪارڻي
لاهہ سر تان سور سارا يا محمد مصطفيٰ ﷺ



ضيغم حيدري

انت محبوبي

## نعت

پڙهو صلوات اچ ڄائو محمد مصطفيٰ ﷺ آهي
وسيلو بي وسيلن جو حبيبِ ڪبريا آهي

خدا نازل ڪيو قرآن مٿس آ ماهِ رمضان ۾
ٿيو محبوب مدنيءَ جو ثناگر خود خدا آهي

ڏنئين توحيد ۽ قرآن ۽ اسلام جو رستو
اسانجو رهنما رهبر رسولِ ڪبريا آهي

ڪئي آهي اطاعت جنهن نبي ﷺ جي تنهن خدا جي ڪئي
اگر راضي نبي ﷺ آهي تہ بس راضي خدا ﷻ آهي

خدا سان گڏ نبي ﷺ جو اسم اطهر پيو رهيو روشن
پلي ڪو دل ۾ چا سمجهي انهيءَ لاءِ هي سزا آهي

زبان ڪي کهڙي آ طاقت ڪري تعريف مرسل ﷺ جي
سدا صلوات سَيّدَ تي مٿس راضي خدا آهي

هي "ضيغم" حيدري آهي انهيءَ در تي سدا سائل
ڪڏهن خالي نہ ڪو ورندو سراپا هو سخا آهي



Gul Hayat Institute

قربان ڏاهري

انت محبوبي

## نعت

ڪئي دل جهان تي عنايت محمد ﷺ
رکي ڪا نہ ڪنهن سان عداوت محمد ﷺ

اگهاڙو اُجايل رهيو ڪو نہ بکيو
ڪئي اهڙي قائم سخاوت محمد ﷺ

نہ انسانيت ڪان ڪو واقف بشر هو
ٻڌا ات ڪرائي قرابت محمد ﷺ

جتي حق ملن سڀ غريبن کي، اهڙي
ڪئي پاڻ قائم عدالت محمد ﷺ

خدائي نظامِ حڪومت کي قائم
ڪري، پو رکي سا سلامت محمد ﷺ

سڀئي پاڻ ۾ ڀاءُ آهيو چيائين
ختم سڀ ڪرائي رقابت محمد ﷺ

گنهگار آهيان قيامت ۾ منهنجي
ڪندو پاڻ "قربان" شفاعت محمد ﷺ



يوسف مسڪين

انت محبوبي

## نعت

سچي سردار سرور جي ڪيون محدت اسين ڪهڙي
خدا جي دوست دلبر جي ڪيون مدحت اسين ڪهڙي

آهي محبوب مولا جو نسورو نُور نوراني
رسول الله ﷺ انور جي ڪيون مدحت اسين ڪهڙي

جهان ۾ آخري نبوت ملي منڊڙي محمد ﷺ کي
ڀلاري گهوٽ گوهر جي ڪيون مدحت اسين ڪهڙي

اڙين آڌر، ڏڏن جو ڏڍ، ڀُلين جو ڀيٽي ڀر آهي
۽ شافع روزِ محشر جي ڪيون مدحت اسين ڪهڙي

سهارو، آسرو ۽ ڀرجهلو "مسڪين يوسف" جو
ولهين جي وير واهر جي ڪيون مدحت اسين ڪهڙي!



Gul Hayat Institute

علي نواز ناز

انت
محبوبي

## نعت

دلبر مثل تي آيو گلڙن مان گل گلابي
سهڻن کنا سو سهڻو محبوبن ماهتابي

اهڙو ڏٺم نظارو ساجن جي سونهن وارو
نازن سان پريل سارو بي حد ۽ بي حسابي

نازن سان اچ هلي ٿو خوش ٿي سو اچ کلي ٿو
سڀ حال دل سلي ٿو مون ساڻ بي حجابي

پوشاڪ پاڪ پياري نرمل ڪي نور واري
شاهاڻي شان واري لالڻ ڪي لاجوابي

ڪو سونهن ۾ نه ثاني آ لاجواب جاني
مولئ مکي نشاني آ ناز لئه نيابي.

مشڪور ڏاهري

انت
محبوبي

## نعت

اسان تي فرض آ تنهنجي اطاعت يا رسول الله ﷺ

نڪي ڄائو نڪي ڄمندو سچا سردار تو جهڙو
ڏني قرآن واضح آ شهادت يا رسول الله ﷺ

مٺا مرسل ﷺ عطا توکي ٿيو معراج جو رتبو
نه اهڙي ڪا ٻئي تي ٿي عنايت يا رسول الله ﷺ

هئا شمع رسالت جا سڀئي اصحاب پروانا
ڪئي تن ساهه ۽ سر جي سخاوت يا رسول الله ﷺ

تون محبوبِ خدا، ختم الرسل، خيرالوريٰ آهين
ڪئي تو ڪل نبين جي آ امامت يا رسول الله ﷺ

غريبن ۽ يتيمن، بيسڪن جو پرجهلو آهين
تون آهين شافعِ روزِ قيامت يا رسول الله ﷺ

اي آقا! ڪر عطا مشڪور کي توفيق تون اهڙي
صداقت سان ڪري تنهن جي اطاعت يا رسول الله ﷺ.

Gul Hayat Institute

انت محبوبي

## نعت

جهان ۾ نانءُ ٿيو روشن محمد ﷺ جو سدا آهي
هتي پڻ مرحبا آهي هُتي پڻ مرحبا آهي

زبان تي روز شب پياري محمد ﷺ جي ثنا آهي
ٿيو عاشق مٿس مولىٰ علي مشڪل ڪشا آهي

مٺي محبوب جو نالو زبان تي بارها آهي
هزارين مرتبا آهي هزارين مرتبا آهي

هو آهي پاڻ مٽ پنهنجو هو آهي پاڻ مٽ پنهنجو
اسان جو رهنما رهبر محمد مصطفىٰ ﷺ آهي

جهان جو آهي والي سو مديني جو مڪين آهي
اسان جو شهنشاهه آهي سچو سو رهنما آهي

اٿئي هي نيڪ واجب ڪر محمد ﷺ جي ثنا هر دم
سچو سردار آ ساٿي اسان جو رهنما آهي





انت محبوبي

## نعت

محمد ﷺ جي ڪيان تعريف ٿو نروار دنيا ۾،
خدا جنهن کي بنائي موڪليو سردار دنيا ۾.

حقيقت، معرفت، وحدت، شريعت سڀ سڪايائين،
ڏئي پيغام خالق جو ٿيو معمار دنيا ۾.

ڪيڏي ڪلفت رکو الفت ڪيو خدمت پلايو غم،
ڏنائين درس دنيا کي ڪري پرچار دنيا ۾.

ڪلامُ الله جل جلاله ٿيو نازل محمد مصطفىٰ ﷺ توتي،
ويا ڪافر مسلمان ٿي تہ آخرڪار دنيا ۾.

سوا توڪان نہ وڏيو مرتبي ۾ اي مٺا مرسل ﷺ،
چوان بيشڪ خدا توکي ڪيو سرڪار دنيا.

خدا توکي بنايو رَحمَتَ الْعٰلَمِيْنَ آهي،
قدم جت تو رکيا سهڻا ٿيو گلزار دنيا ۾.

وسي اُمت مٿان رحمت رسول الله ﷺ جي صدقي،
جو هو ئي ٻن جهانن جو ٿيو آڌار دنيا ۾.

سمورا انبيا شمس و قمر آهن مگر "خوش دل"،
ٿيو برتر بلند اعلىٰ منو مننار ﷺ دنيا ۾.



Gul Hayat Institute

## نعت

سچي هن دينِ حق اسلام جو سينگار تون آهين،
اسان هيٺن نماڻن جو مٺا مهندار تون آهين.

اِهائي آرزو آهي، ٿيان در تو اچي حاضر،
اکين جو نور تون آهين اکين جو ٺار تون آهين.

چيو قرُآن ۾ ربّ هي محمد ﷺ پيارو مونکي آ،
خدا کي تون مٺو بيشڪ سچو سردار تون آهين.

محمد مصطفيٰ ﷺ بيشڪ انهيءَ ۾ شڪ نہ آهي ڪو،
خداوند جي خدائي ۾ خدا جو يار تون آهين.

هٿان تنهنجي ملي نعمت صديقي خاندانن کي،
مٿي جو موڙ تون آهين علمبردار تون آهين.

ڪيون "مختار" جي آهون قبولج يا رسول الله ﷺ،
وسيلو ٻيو نہ آهي ڪو اڙين آڌار تون آهين.





## نعت

جنهن مسڪينن سان پيار ڪيو، جنهن هيٺن کي پنهنجو يار ڪيو،
مظلوم کي بيدار ڪيو، انصاف جو ٻيڙو پار ڪيو،
جنهن روشن هي سنسار ڪيو سومنهنجونبيﷺ،سومنهنجونبيﷺ.

جنهن دين سچو اسلام ڏنو، ؑ جو جنهن پيغام ڏنو،
توحيد جي مئي جو جام ڏنو، نوعِ انسان کي آرام ڏنو،
جنهن سرڪيءَ سان سرشار ڪيو سومنهنجونبيﷺ،سومنهنجونبيﷺ.

جنهن جا عاشق ٿيا انسان گهڻا، جنهنجي قدمن تان قربان گهڻا،
جنهنجي درجا گدا، سلطان گهڻا، منهنجي آقاﷺ جا احسان گهڻا،
جنهن نورِ حق نروار ڪيو سومنهنجونبيﷺ،سومنهنجونبيﷺ.

جنهن ڪلمي سان آلا ٿي ڪَٽ، مغرور ٿيا نابود نِپٽ،
جنهنجي پاتو غلامن شاهي ڇَٽ، منهنجي آقاﷺ جو ڪو ناهي مَٽ،
خود پرور جنهن سان پيار ڪيو سومنهنجونبيﷺ،سومنهنجونبيﷺ.

احسان سندس هر دم ٿو مڃان، گونگن کي ڪيو جنهن اهلِ زبان،
هي لطف و ڪرم اُن جوئي چوان، پينار سندس ٿيو "شاهِ زمان"
جنهن پيار جو ٻيڙو پار ڪيو سومنهنجونبيﷺ،سومنهنجونبيﷺ.

Gul Hayat Institute

# نعت

آقائي دوجهان ٿيو پيدا مبارڪون
گلزار ٿي ويو سڄو صحرا مبارڪون

چوگرد رنگ و نور ڏسون ٿا مبارڪون
اونداهہ ختم ٿي وئي وهوا مبارڪون

پهتو چمن ۾ آ چمن آرا مبارڪون
پوري ٿي مدّتن جي تمّنا مبارڪون

هن ڏي ڏسيو ڏسيو ۽ ڏسون ٿا مبارڪون
اي خوش نصيب ديده شيدا مبارڪون

ٻانهن ڏي موڪليو اٿئي آقا مبارڪون
منهن جا رحيم ربّ خدايا مبارڪون

آيو اڱڻ تي منهن جو مسيحا مبارڪون
فوراً پڄي ويا وهم ۽ سودا مبارڪون

سالن جا سال پير چميا ٿئي حبيب ﷺ جا
اي سرزمين وادِيِ بطحيٰ مبارڪون

جلوه فروز آهي محمد ﷺ خدا جو سنهن
مڪو لڳي ٿو عرشِ معليٰ مبارڪون

مون لاءِ عشق ساقيءِ ڪوثر جو آهہ بس
مون کي ڏين ٿا ساغر و مينا مبارڪون

اڄ هڪ ٻئي کي فرطِ مسرّت ۾ ٿا ڏين
غارِ حرا ۽ خانئہ ڪعبه مبارڪون

آءُ خيال ۾ ٿو ڏسان روئِ پاڪ کي
مونکي ڏيو هزارها لکها مبارڪون

هن جي قدم رکڻ جي هئي دير دوستو!
دنيا سموري ٿي وئي دنيا مبارڪون

اهڙو حسين گلاب ٽڙيو گلستان ۾،
جنهن جو ڪو ثاني آهہ نہ مٿ آ. مبارڪون

محبوبِ ڪبريا ﷺ جي ڄمڻ واري ڏينهن تي،
لکيون ”جميل“ شاعرِ هالا مبارڪون.

5- آڪٽوبر 1989ع. ڪراچي

Gul Hayat Institute